ABC Certified
Reg No 2677
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :11 | سومر 02 آڪٽوبر 2023 ع بمطابق 15 ربيع الاول 1445ھ | شمارو: 343 | قيمت 10 رپيا

سڪرنڊ واقعو: جاچ ڪميٽي پوليس ۽ ڳوٺاڻن جا بيان قلمبند ڪري ورتا

نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول پاران ماڙي جلباڻي واقعي لاءِ جوڙيل جاچ ڪميٽي نوابشاهه پهچي پوليس آفيسرن ۽ ڳوٺاڻن جا بيان قلمبند ڪيا

ڪميٽي ڪمشنر حيدرآباد خالد حيدر شاهه، ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ ڪراچي آصف اعجاز شيخ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد پرويز چانڊيو تي مشتمل 3 رڪني جاچ ڪميٽي نوابشاهه پهتي

جاچ ڪميٽي ڪمشنر آفيس ۾ مختلف ڳوٺن جي معززن سميت مختلف ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز جا بيان قلم بند ڪيا جڏهن ته مقتولن جا وارث تڏي ويڙل هئڻ سبب جاچ ڪميٽي وٽ نه پهچي سگهيا

مڪمل انڪوائري ۽ تحقيقات ڪرڻ بعد رپورٽ وڏي وزير وٽ پيش ڪنداسين: جاچ ڪميٽي سربراهه ڪمشنر حيدرآباد خالد حيدر شاهه

اسان ٻئي مرحلي ۾ مقتولن جي وارثن وٽ به ڳوٺ هلي وينداسين ۽ انهن جا به بيان وٺنداسين ۽ جتي واقعو ٿيو آهي ان جاءِ جو به معائنو ڪنداسين

هن وقت تائين پوليس آفيسرن ۽ ڳوٺاڻن جا بيان قلمبند ڪيا آهن جاچ اڃا مڪمل ناهي ٿي جيڪي به نتيجا سامهون ايندا ميڊيا کي آگاهه ڪندا رهنداسين

نوابشاهه (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول پاران ماڙي جلباڻي واقعي لاءِ جوڙيل جاچ ڪميٽي نوابشاهه پهچي پوليس آفيسرن ۽ ڳوٺاڻن جا بيان قلمبند ڪيا. ڪميٽي ڪمشنر حيدرآباد خالد حيدر شاهه، ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ ڪراچي آصف اعجاز شيخ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد پرويز چانڊيو تي مشتمل 3 رڪني جاچ ڪميٽي نوابشاهه پهتي. جاچ ڪميٽي ڪمشنر/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ ۽ پنجاب جي نگران وڏن وزيرن پاران ڪچي ۾ هڪ ئي وقت آپريشن شروع ڪرڻ تي اتفاق

پنجاب جي وڏي وزير محسن نقوي ڪچي جي علائقن ۾ هڪ ئي وقت آپريشن شروع ڪرڻ جي معاملي تي اتفاق ڪري ورتو

ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ٿيل ملاقات ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پنجاب جي ڪچي ۾ اتان جون ايجنسيون آپريشن ڪنديون

سنڌ ۾ به ساڳئي وقت آپريشن شروع ڪيو ويندو ته جيئن ڪو به ڌاڙيل سنڌ مان پنجاب يا پنجاب مان سنڌ جي حدن ۾ داخل نه ٿي سگهي

ٻنهي وڏن وزيرن فيصلو ڪندڙ آپريشن تي اتفاق ڪندي فيصلو ڪيو ته آپريشن ۾ ٻنهي صوبن جي پوليس ۽ ٻيون ايجنسيون هڪ ٻئي سان رپورٽ شيئر ڪنديون

ٻنهي وڏن وزيرن جي ملاقات وقت ڪڻڪ جي قيمت مقرر ڪرڻ جي معاملي تي به ڳالهيون ڪيون ويون : ترجمان

ڪڻڪ جي نئين قيمت هڪ ٻئي سان مشاورت ڪان پوءِ نوٽيفاءِ ڪئي ويندي : وزيراعليٰ هائوس

لاهور (م ڊ) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ۽ نگران پنجاب جي وڏي وزير محسن نقوي ڪچي جي علائقن ۾ هڪ ئي وقت آپريشن شروع ڪرڻ جي معاملي تي اتفاق ڪري ورتو آهي. وزيراعليٰ هائوس جي ترجمان موجب ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ٿيل ملاقات ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پنجاب جي ڪچي ۾ اتان جون ايجنسيون آپريشن ڪنديون جڏهن ته سنڌ ۾ به ساڳئي وقت آپريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ۽ نگران پنجاب وڏو وزير محسن نقوي (فائيل فوٽو)

انقره: ترڪ پارليامينٽ پرسان آپگهاتي ڌماڪو، 2 دهشتگرد مارجي ويا

گادي واري شهر ۾ پارليامينٽ پرسان مبينه آپگهاتي بمبار پاڻ کي بارودي مواد سان اڏائي ڇڏيو

پارليامينٽ پرسان ڌماڪي جو زوردار آواز آپگهاتي حملو هو جيڪو پارليامينٽ ۾ ٿيندڙ اجلاس جي شروعات کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ ۾ ٿيو هو

پارليامينٽ عمارت جي ڀرپاسي ۾ ڪيترائي شڪي پيڪيٽ مليا آهن جن ۾ بارودي مواد ڀريل هو

انقره (م ڊ) ترڪيه جي گادي واري شهر ۾ پارليامينٽ پرسان مبينه آپگهاتي بمبار پاڻ کي بارودي مواد سان اڏائي ڇڏيو جنهن کان پوءِ سموررو علائقو فائرنگ جي آواز سان گونججي ويو. عالمي خبرون ڏيندڙ اداري موجب سرڪاري طور/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مولانا فضل الرحمان جنوري ۾ چونڊون منعقد ڪرڻ تي سوال اٿاري ڇڏيا

جنوري ۾ مٿاهين علائقن ۾ برف پوندي، ماڻهو ووٽ ڪيئن ڏيندا؟ : مولانا فضل الرحمان

اسان کي خوشخبري ٻڌائي وئي ته ملڪ ۾ امن امان قائم ٿي ويو آهي

جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان (فائيل فوٽو)

فيصل آباد (م ڊ) جمعيت علماء اسلام (جي يو آءِ) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جنوري ۾ چونڊون منعقد ڪرڻ تي سوال اٿاريندي چيو آهي ته جنوري ۾ مٿاهين علائقن ۾ برف پوندي، ماڻهو ووٽ ڪيئن ڏيندا؟ پنهنجي هڪ بيان ۾ هن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ ۾ 131 فلور ملون ۽ 30 تندين اٽي جي چڪين ۾ 389 مائيڪرو فيڊر مهيا ڪيا آهن: آغا فخر حسين

سنڌ فوڊ اٿارٽي نيوٽريشن انٽرنيشنل جي سهڪار سان صوبي جي عوام کي متوازن غذا فراهم ڪرڻ جي منصوبي تي ڪم ڪري رهي آهي

آءِ سنڌ فوڊ فار فورٽيفڪيشن ايڪٽ 2021 جي منظوري ڏيڻ ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪيو

هي فخر جي ڳالهه آهي ته سنڌ فوڊ فورٽيفڪيشن ايڪٽ 2021 سنڌ اسيمبلي مان ٻين صوبن کان پهريون پاس ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل آغا فخر حسين چيو آهي ته سنڌ فوڊ اٿارٽي نيوٽريشن انٽرنيشنل سان گڏجي سنڌ صوبي جي آبادي ۾ مائيڪرو نيوٽرينٽ جي کوٽ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ فورٽيفائيڊ لوڻ، تيل ۽ ڪڻڪ جو اٽو فراهم ڪرڻ جي منصوبي تي ڪم ڪري رهي آهي، خاص طور ٿلي، سجاول، بدين، ٿرپارڪر، سانگهڙ، دادو، لاڙڪاڻو ڊويزن ۽ سنڌ جي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين نيوٽريشن انٽرنيشنل جي وفد کي بريفنگ ڏيندي

محمد حشين جي ماڙي جلباڻي آمد، شهيدن جي وارثن سان تعزيت

ڪراچي/ سڪرنڊ (نمائندن وٽان) امير جماعت اسلامي سنڌ اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي مقامي قيادت سان گڏجي سڪرنڊ لڳ ماڙي جلباڻي پهتو. هن شهيدن جي وارثن سان تعزيت بعد ڳالهائيندي چيو ته هن مهل سڄي سنڌ بدامني جي باهه ۾ سڙي رهي آهي. ماڻهن جي دردن جو درمان ڪرڻ وارو ڪير به ڪونهي. ڪشمور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ترڪيه کي يورپي يونين مان ڪو به آسرو ناهي: طيب اردگان

انقره ۾ دهشتگردي ڪندڙ ناڪام ٿي ويا، پوليس جي بروقت ڪارروائي سان حملو ڪندڙ مارجي ويو

ترڪيه دهشتگردي جي خلاف ڪوششون جاري رکندو، دهشتگرد ڪڏهن به پنهنجن مقصدن ۾ ڪامياب نٿا ٿي سگهن

پارلياماني سيشن لاءِ نئون آئين ترجيح آهي، ترڪيه مهانگائي خلاف ڪوششون جاري رکندو

انقره (م ڊ) ترڪ صدر رجب طيب اردوان چيو آهي ته ترڪيه کي يورپي يونين مان ڪي به اميدون ناهن. پارليامينٽ جي اجلاس کي خطاب ڪندي

حڪومت پيٽرول جي قيمت گهٽ ڪري گيس وڌائي ڇڏي: سراج الحق

خبر ڏني آهي ته وفاقي حڪومت پيٽرول في ليٽر 8 روپيه سستو ڪري ڇڏيو

ملڪ جي عوام جي چهرن تي خوشيون غائب آهن، هر طرف خوف ۽ بي يقيني واري صورتحال آهي

چئني طرف تباهي ۽ بربادي آهي، صدر ۽ وزيراعظم کان وٺي پوليس تائين سڀ خراب حالتن جو اعتراف ڪري رهيا آهن

لاهور (م ڊ) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي ته خراب حالتن جو سڀ اعتراف ڪري رهيا آهن. ذميواري ڪو به قبول نه ٿو ڪري سراج الحق لاهور ۾ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته خبر ڏني آهي ته وفاقي حڪومت پيٽرول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور: جماعت اسلامي جي امير سراج الحق تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ملٽي نيشنل جوائنٽ اسپيشل فورسز جون مشقون ڪيون ويون

راولپنڊي (م ڊ) پاڪ فوج جي پبلڪ رليشنز (آءِ ايس پي آر) جو چوڻ آهي ته ملٽي نيشنل جوائنٽ اسپيشل فورسز جون مشقون ڪيون ويون. آءِ ايس پي آر موجب مشق ۾ پاڪستان، قازقستان، قطر، ترڪي ۽ ازبڪستان جي اسپيشل فورسز شرڪت ڪئي. پاڪ فوج جي پبلڪ رليشنز ڊپارٽمينٽ ٻڌايو آهي ته 2 هفتن تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: جيل چورنگي ويجهو شهري جي فائرنگ، 2 ڦورو مارجي ويا، هڪ زخمي

جيل چورنگي فلائي اوور ويجهو 3 ڦورو ڦر ڪري رهيا هئا ته ڪار سوار شهري ڦورن تي فائرنگ شروع ڪري ڏني

شهري جي فائرنگ سبب هڪ ڦورو تڏي تي ئي مارجي ويو جڏهن ته 2 ڦورو زخمي ٿي پيا

جاچ ڪرڻ تي خبر پئي ته اهي واڌهڙو نه هئا پر مارجي ويل ڦورو سان گڏ آهن جيڪي ڦر جي ڪارروائي ڪري رهيا هئا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ جيل چورنگي فلائي اوور ويجهو ڪار سوار شهري جي فائرنگ ۾ 2 ڦورو مارجي ويا آهن جڏهن ته هڪ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس موجب جيل چورنگي فلائي اوور ويجهو 3 ڦورو ڦر ڪري رهيا هئا ته ڪار سوار شهري ڦورن تي فائرنگ شروع ڪري ڏني. پوليس موجب شهري جي فائرنگ سبب هڪ ڦورو تڏي تي ئي مارجي ويو جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ طرفان ترڪيه ۾ دهشتگرد حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت

ون سميت سڄي پاڪستاني قوم جون همدرديون پاڙيسري ملڪ ترڪيه سان گڏ آهن : انوارالحق ڪاڪڙ

واقعي ۾ زخمي ٿيل ماڻهن جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيان : نگران وزيراعظم

ترڪيه، منهنجي ڀاءُ رجب طيب اردوان جي اڳواڻي ۾ دهشتگردي جي هن چيلينج تي جلد ڪنٽرول ڪري وٺندو

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ترڪيه جي پارليامينٽ پرسان ٿيل دهشتگرد حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪري ڇڏي آهي، سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي پنهنجي پيغام ۾ نگران وزيراعظم چيو ته مون سميت سڄي پاڪستاني قوم جون همدرديون پاڙيسري ملڪ ترڪيه سان گڏ آهن هن جيو ته واقعي ۾ زخمي ٿيل ماڻهن جي جلد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

انقره: ترڪ پارليامينٽ پرسان آپگهاتي بعد سيڪيورٽي اهلڪار واقعي واري هنڌ شاهدين گڏ ڪري رهيا آهن

آصف زرداري ۽ بلاول ڀٽو طرفان ميانوالي ۾ پوليس پوسٽ تي دهشتگرد حملي جي مذمت

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري شهيد پوليس اهلڪارن جي خاندان سان همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو

دهشتگردن جو پيڇو ڪري انهن جي نرسرين کي تباهه ڪيو ويندو : آصف علي زرداري

ڪراچي (م ڊ) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ميانوالي ۾ پوليس تي ٿيندڙ دهشتگرد حملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

حڪومت پيٽرول ۽ ڊيزل تي تيل ڪمپنين ۽ ڊيلرز جو مارجن وڌيڪ وڌائي ڇڏيو

پيٽرول ۽ ڊيزل تي مارجن ۾ 88 پئسا في ليٽر جو اضافو ڪيو ويو

تيل ڪمپنين جو مارجن 47 پئسا في ليٽر وڌايو ويو

لاهور (م ڊ) حڪومت پيٽرول ۽ ڊيزل تي تيل ڪمپنين ۽ ڊيلرز جو مارجن وڌيڪ وڌائي ڇڏيو آهي. ذريعن موجب پيٽرول ۽ ڊيزل تي مارجن ۾ 88/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

افغانستان سهڪار نه ڪرڻ تي ڀارت ۾ پنهنجو سفارتخانو بند ڪري ڇڏيو

افغان سفارتخاني طرفان ڀارتي گهرو وزارت کي خط لکندي نئين دهلي ۾ سفارتخانو بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

ڀارت افغانستان جي مفادن جي لاءِ خدمتون ڏيڻ ۾ ناڪام ويو آهي: افغان سفارتخانو

نئين دهلي (م ڊ) افغانستان ڀارت طرفان سهڪار نه ڪرڻ سبب نئين دهلي ۾ واقع افغان سفارتخاني کي بند ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پوليو جا ڦڙا جڏهن به پيش ڪيا وڃن قبول ڪريو: آصفه ڀٽو زرداري

توهان ڪنهن ٻار کي سڃاڻو ٿا ته ان کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارايا وڃن

2. آڪٽوبر کان شروع ٿيندڙ قومي پوليو مهم ست ڏينهن جاري رهندي

شهيد بينظير ڀٽو جي ڌيءَ بي بي آصفه ڀٽو زرداري

ڪراچي (رپورٽر) شهيد بينظير ڀٽو جي ڌيءَ بي بي آصفه ڀٽو زرداري جو ٽوئيٽر پيغام ۾ چيو آهي ته پوليو جا ڦڙا جڏهن به پيش ڪيا وڃن قبول ڪريو بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته جيڪڏهن توهان جو پنجن سالن کان گهٽ عمر وارو ٻار آهي يا توهان ڪنهن ٻار کي سڃاڻو ٿا ته ان کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارايا وڃن. 2 آڪٽوبر کان شروع ٿيندڙ قومي پوليو مهم ست ڏينهن جاري رهندي، پوليو خلاف قومي مهم دوران سنڌ جي سمورن 30 ضلعن ۾ پوليو جا ڦڙا پيارايا ويندا

مستونگ بم ڌماڪي ۾ شهيد ٿيلن جو انگ وڌي 60 ٿي ويو

زخمين مان 7 ڄڻن سول اسپتال ۽ هڪ بولان ميڊيڪل ڪمپليڪس اسپتال ۾ دم ڏني حوالي ڪيو

52 ماڻهو ڌماڪي جي پهرين ڏينهن شهيد ٿيا هئا : سول اسپتال ترجمان

ڪوئٽه (م ڊ) مستونگ بم ڌماڪي جو هڪ ٻيو زخمي فوت ٿي ويو جنهن کان پوءِ شهيدن جو انگ 60 ٿي ويو آهي، سول اسپتال جي ترجمان موجب 52/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪچرو پڪيڙيندڙ افغانين خلاف ايف آءِ آر داخل

غير قانوني طور ڪچرو گڏ ڪندڙ افغانين خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي

جمشيد زون جي يو سي 8 ۾ افغاني رهواسي گندي نالن ۾ ڪچرو اڇليندا آهن : مقبول باقر

ڪراچي (رپورٽر) نگران وڏي وزير سنڌ جسٽس (ر) سيد مقبول باقر نقوي جي هدايتن تي ڪراچي جي اوير ضلعي ۾ آپريشن ڪيو ويو. جنهن دوران غير/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪوٽلي ۾ وين کاهي ۾ ڪري پئي، 3 ڄڻا فوت

حادثو مسافر وين جي بريڪ فل ٿيڻ سبب پيش آيو

مقامي ماڻهن جي امدادي ڪارروايون جاري، ريسڪيو ٽيمن کي به طلب ڪيو ويو

ڪوٽلي (م ڊ) ڪوٽلي ستيان ۾ مسافر وين کاهي ۾ ڪري پئي، 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. پوليس ذريعن موجب حادثو مسافر وين جي بريڪ فل ٿيڻ/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

انقره: ترڪ صدر رجب طيب اردوان پارليامينٽ جي اجلاس کي خطاب ڪندي

اسلام آباد: سي ٽي ڊي جو ڳجهن ادارن سان گڏ سرچ آپريشن، 800 افغان شهري گرفتار

سرچ آپريشن ٻهاره ڪهو، ترنول، مهر آباديان، گولڙه، شمس ڪالوني ۽ ٻين علائقن ۾ افغانين جي خلاف ڪيو ويو

آپريشن کان اڳ ڳجهي ڄاڻ جي آڌار تي فهرست به جوڙي وئي جن ۾ ڪيترن ئي ڏوهاري پيشه ور افغان شهرين جي نشاندهي به ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) سي ٽي ڊي ڳجهن ادارن سان گڏ سرچ آپريشن ڪندي اسلام آباد ۽ ڀرپاسي جي علائقن مان 800 افغان شهرين کي گرفتار ڪري ورتو آهي. سرچ آپريشن ٻهاره ڪهو، ترنول، مهر آباديان، گولڙه، شمس ڪالوني ۽ ٻين علائقن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

هر انچ تي انٽيليجنس بنيادن تي آپريشن ڪرڻو پيو ته ڪنداسين: جان اڇڪزئي

جيڪڏهن ضرورت پئي ته دهشتگردن خلاف انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ويندو

بلوچستان جو عوام پاڪستان جي بقا ۽ سلامتي جي جنگ وڙهي رهيو آهي

شهيدن جي وارثن کي 15 لک، سخت زخمين کي 5 لک ۽ معمولي زخمين کي 2 لک رپيا ڏنا ويندا

بلوچستان جو نگران اطلاعات وارو وزير جان اڇڪزئي

ڪوئٽه (م ڊ) بلوچستان جي نگران اطلاعات واري وزير جان اڇڪزئي جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ضرورت پئي ته دهشتگردن خلاف انٽيليجنس بيسڊ/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

عمران خان جي 9 ضمانت جي درخواستن تي فيصلو اڄ ٻڌايو ويندو: ڪازلسٽ جاري

چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق محمود جهانگيري فيصلو ٻڌائيندا

سيشن ڪورٽ ۽ دهشتگردي ڪورٽ عدالت عدم پيروي تي ضمانتون خارج ڪري ڇڏيون هيون

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين جي 9 ضمانت جي درخواستن تي فيصلو سڀاڻي ٻڌايو ويندو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائڻ جي ڪازلسٽ جاري ڪري ڇڏي، چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق محمود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ميانوالي: پوليس چيڪ پوسٽ تي حملو، هڪ اهلڪار شهيد، 2 دهشتگرد مارجي ويا

10 کان 12 دهشتگردن ڪنڊل پيٽرولنگ پوسٽ تي حملو ڪيو : آءِ جي پنجاب

پوليس جي جوابي ڪارروائي دوران 2 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته ٻيا فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

ميانوالي (م ڊ) ميانوالي ۾ ڪنڊل واري هنڌ تي پيٽرولنگ پوسٽ تي دهشتگردن جي حملي ۾ هڪ اهلڪار شهيد جڏهن ته 2 دهشتگرد مارجي ويا آهن، آءِ جي پنجاب موجب 10 کان 12 دهشتگردن ڪنڊل پيٽرولنگ پوسٽ تي حملو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

مستونگ: چيئرمين سينيٽ محمد صادق سنجراڻي سول هاسپيٽل ۾ مستونگ ۾ زخمي ٿيندڙ مريضن جي عيادت ڪري رهيو آهي

پاڪستاني رپئي بهترين ڪارڪردگي ۾ سڄي دنيا جي ڪرنسين کي پوئتي ڇڏي ڏنو

ڪراچي (م ڊ) پاڪستاني ڪرنسي سيپٽمبر جي مهيني ۾ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي سڄي دنيا جي ڪرنسين کي پوئتي ڇڏي ڏنو ڊالر جي غير قانوني واپار، سمگلنگ، سٽي بازي خلاف ڪريڪ ڊائون، انتظامي قدمن ۽ اسٽيٽ بئنڪ طرفان سڌارن جا هاڪاري نتيجا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

حڪومت پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ 11 روپيه في ليٽر تائين لاٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ايندڙ 15 ڏينهن جي لاءِ پيٽرول جي في ليٽر قيمت ۾ 8 روپيه جڏهن ته ڊيزل جي قيمت ۾ 11 روپيه لاٽ ڪئي وئي

عالمي منڊي ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاٽ سبب قيمتون گهٽ ٿي ويون آهن : ناڻي واري وزارت

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ 11 روپيه في ليٽر تائين لاٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ناڻي واري وزارت طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب ايندڙ 15 ڏينهن جي لاءِ پيٽرول جي في ليٽر قيمت ۾ 8 روپيه جڏهن ته ڊيزل جي قيمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڄامشورو: پيٽارو پرسان تيز رفتار ڪوچ جو پاڪ فوج جي گاڏي کي ٽڪر، 2 ڄڻا فوت

پيٽارو يو ٽرن وٽ تيز رفتار ڪوچ جو پاڪ فوج جي گاڏي کي پويان کان ٽڪر حادثي جي نتيجي ۾ ڪوچ ۾ سوار 2 ڄڻا فوت ٿي ويا

حادثي ۾ گڏيل طور تي فوجي اهلڪار ۽ ڪوچ سوارن سميت 10 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿي پيا

حادثي ۾ فوت ٿيل ڪوچ ڊرائيور ۽ ڪلينڊر جي سڃاڻپ عثمان سولنگي ۽ محمد ايوب شيخ طور ڪئي وئي

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو پرسان انڊس هاءِ وي پيٽارو يو ٽرن وٽ تيز رفتار ڪوچ جو پاڪ فوج جي گاڏي کي پويان کان ٽڪر حادثي جي نتيجي ۾ ڪوچ ۾ سوار 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. حادثي ۾ گڏيل طور تي فوجي اهلڪار ۽ ڪوچ سوارن سميت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

حيدرآباد ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف پي ايف يو جي ۽ ايڇ يو جي طرفان احتجاجي مظاهرو

ايڇ يو جي طرفان پريس ڪلب ٻاهران بک هڙتالي ڪيمپ لڳائي وئي، اقبال ملاح، جئي پرڪاش، جاني خاصخيلي ۽ ٻين جي شرڪت

شهيد جان محمد مهر جي قتل کي هڪ مهيني کان وڌيڪ گذري چڪو آهي : اڳواڻ

حڪومت ۽ پوليس اڃان تائين قاتلن جي گرفتاري عمل ۾ نه آڻي سگهي آهي

حيدرآباد: شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف پي ايف يو جي ۽ ايڇ يو جي طرفان احتجاج ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد (رپورٽر) سکر ۾ قتل ٿيندڙ شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف پي ايف يو جي ۽ ايڇ يو جي طرفان احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ميانوالي ۾ مارجي ويل دهشتگردن جي سڃاڻپ ٿي وئي، ٽي ٽي پي جي امير لڪي مروت جو ڀاءُ به شامل

ميانوالي (م ڊ) ميانوالي ۾ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ٻنهي دهشتگردن جي سڃاڻپ ٿي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ماهوار 200 يونٽ استعمال ڪندڙ صارفين لاءِ رليف تي راضپو

ملڪ ۾ 200 يونٽ تائين ماهوار استعمال ڪندڙ صارفين جو انگ 40 لک آهي

جيڪڏهن 400 يونٽ وارن صارفين کي رليف ملي ها ته 3 ڪروڙ 20 لک صارفين کي رليف ملي ها

هڪ ته وفاقي حڪومت بجلي ۽ گيس جي چوري روڪڻ لاءِ ڀرپور اپاءُ وٺندي ۽ ٻيو ته گيس جي قيمت ۾ 45 کان 50 سيڪڙو واڌ ڪئي ويندي

اسلام آباد (م ڊ) جيو نيوز ذريعن جي حوالي سان هڪ خبر ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته آءِ ايم ايف 400 بجلي جا يونٽ ماهوار استعمال ڪندڙن کي رليف جي تجويز رد ڪندي 200 يونٽ وارن صارفين کي رعايت ڏيڻ تي راضپو ظاهر ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: آرٽس ڪائونسل ۾ جاري "پاڪستان ٿيٽر فيسٽيول" ۾ صدر آرٽس ڪائونسل محمد احمد شاهه گريس ٿيٽر جي ميمبرن کي شيلڊ پيش ڪندي

ڪامران ٽيسوري خاندان سميت نجي دوري تي ترڪي روانو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري پنهنجي خاندان سميت نجي دوري تي ترڪي روانو ٿي ويو ذريعن موجب سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري 3 ڏينهن جي دوري تي اسلام آباد کان روانو ٿي ويو آهي. ذريعن جو اهو به چوڻ آهي ته ان دوران سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر آغا سراج دراني سنڌ جو وقتي گورنر هوندو

راولپنڊي ۾ 51 ڄڻا ڊينگي ۾ مبتلا، علاج جاري

هلندڙ سيزن ۾ ڊينگي جي تصديق ٿيل ڪيسن جو انگ 1275 ٿي ويو آهي: صحت کاتو

ڊينگي جا 67 مريض هولي فيملي اسپتال ۽ 43 ڊي ايڇ ڪيو ۾ علاج هيٺ آهن، ڊينگي وائرس ۾ مبتلا 10 ڄڻن جي حالت نازڪ آهي

ڊينگي ايس او پيز جي ڀڃڪڙي تي وڌيڪ 33 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ 5 عمارتن کي سيل ڪيو ويو آهي

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊي ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڊينگي وائرس جا وڌيڪ 51 ڪيس ظاهر ٿيا آهن. صحت کاتي موجب هلندڙ سيزن ۾ ڊينگي جي تصديق ٿيل ڪيسن جو انگ 1275 ٿي ويو آهي. صحت کاتي جو چوڻ آهي ته ڊينگي جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

فاران شگرملز شيخ پرڪيو جي پيپلز مزدور يونين جو هنگامي اجلاس، اهم معاملن تي ڳالهيون

شگر ملز يونين جي صدر منور مغل جي رهائشگاه مغل هائوس شيخ پرڪيو ۾ اجلاس منعقد ٿيو

ليگل ايڊوائيزر ايڊوڪيٽ جي ايم لغاري جنرل سيڪريٽري غلام رسول ٿهيم محمد رفيق ۽ ٻيا شريڪ

جيڪڏهن ملز انتظاميه پرامن احتجاج کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڀرپور جواب ڏينداسين: جي ايم لغاري

ٽنڊو محمد خان (۾ مظفر علي بروهي) فاران شگرملز شيخ پرڪيو جي پيپلز مزدور يونين جو هڪ هنگامي اجلاس مزدور يونين پاران ملز انتظاميا خلاف ڌرڻي جو اعلان فاران شگر ملز يونين جي صدر منور مغل جي رهائشگاه مغل هائوس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

معظم نوناري جي قاتلن کي ڪي
فوري گرفتار ڪري سخت سزا ڏني
وڃي: نصيب الله نوناري

ڪورنگي (رپورٽر) معصوم عائشه جي والد حافظ معظم نوناري جي قاتلن کي فوري گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي. نصيب الله نوناري معظم نوناري جو قتل نوناري برادري لاءِ افسوسناڪ سانحو آهي بشير احمد نوناري خبرموجب_ آل پاڪستان نوناري ايسوسيئيشن جي صدر نصيب الله نوناري ۽ بشير احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊو محمد خان: فاران شگرملز شيخ پرڪيو جي پيپلز مزدور يونين جا اڳواڻ احتجاج ڪندي

سکر ۾ صحافي جان محمد مهر جي جي اصل قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاج

درياخان مري ۾ 49 ڏينهن به جدوجهد جاري رکندي نيشنل پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو ويو

فرحان علي لاشاري. عبدالرشيد لاشاري ارشد محمود ماجد. عبدالرحمان راجپوت ۽ ٻين پاران شرڪت

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظورملڪ) سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي جي اصل قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف سنڌ جرنلسٽس ڪا يونسل نوشهروفيروز پاران درياخان مري م 49 ڏينهن به جدوجهد جاري رکندي نيشنل پريس ڪلب درياخان مري ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ اصل قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي جنهن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

عبدالله شاهه غازي ڳوٺ اي بلاڪ ۾ مهينو اڳ قتل ٿيل شبير بليدي جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

شبير بليدي جي قتل جي ڳهربل جوابدارن کي سڄل ٽاٽي جي جاچ پوليس گرفتار نه ڪري سگهي

پوليس مظاهرين وٽ پهچي هڪ هفتي اندر جوابدار گرفتار ڪرڻ جي خاطري بعد احتجاج ختم ڪيو ويو

پوليس هميشه سست رويو اختيار ڪندي رهي ٿي ۽ اڪثر طور تي قاتلن کي گرفتار نٿو ڪيو وڃي: مظاهرين

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر پنهوار) ڪراچي عبدالله شاهه غازي ڳوٺ اي بلاڪ ۾ مهينو اڳ هٿياربندن هٿان قتل ٿيل شبير بليدي جي قتل ڪيس جي ڳهربل جوابدارن کي سڄل ٽاٽي جي جاچ پوليس گرفتار نه ڪري سگهي مقتول جي وارثن ۽ سياسي سماجي ماڻهن جو احتجاجي مظاهرو نعريبازي سڄل ٽاٽي اڳيان ڌرڻي جي اعلان بعد پوليس مظاهرين وٽ پهچي هڪ هفتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سهڻي لطيف جي حاضري ڀري
دل کي وڏو سڪون مليو آهي:
واجد علي سولنگي

دولت پور صفن (رپورٽر) سهڻي لطيف جي حاضري ڀري دل کي وڏو سڪون مليو آهي سنڌ جي درگاهن تي امن محبت پائيداري جو درس ملي ٿو هتي وڌيڪ چيو ته سنڌ صوبو تمام گهڻو مهمان نواز آهي سنڌ جا ماڻهو تمام گهڻا محبتي آهن اسان کي سنڌ جي ماڻهن تي فخر آهي اسان کي سنڌ جي اولياءِ ڪرامن جي نقشي قدم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي: قتل ٿيل شبير بليدي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهري ماحول کي خراب ڪندڙ ماڻهن خلاف ڀرپور ڪارروائي ڪئي وڃي: جسٽس (ر) مقبول باقر

اعلان واري هنڌ کان صفورا ورڪشاپ تائين الڳ الڳ مواد جي چرپر لاءِ افغانين ٽيم جوڙي هئي

غيرقانوني ڪچري جي ڊمپنگ پوائنٽ کي پڻ بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ افغانين خلاف ڪيس داخل ڪيو

غيرقانوني چرپر خلاف آپريشن جي نگراني سنڌ سولڊ ويسٽ مينجمنٽ بورڊ جي ايم ڊي امتياز شاهه ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقرچيو آهي ته شهري ماحول کي خراب ڪندڙ ماڻهن خلاف ڀرپور ڪارروائي ڪئي وڃي. اها ڳالهه هن اڄ آچر ڏينهن وزيراعليٰ هائوس مان سندس جاري ڪيل بيان ۾ ڪئي. نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي هدايت تي ضلعي اوير ڪراچي ۾ افغانين خلاف آپريشن ڪيو ويو. افغاني اوير ضلعي جي جمشيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر ۾ صحافي جان محمد مهر جي جي اصل قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاج

سکر يونين آف جرنلسٽس پاران 49 ڏينهن به جدوجهد جاري رکندي بک هڙتال جاري رکي

جاويد جتوئي شهزاد تاباڻي سيد احقر رضوي، خالد ڀانيڻ ۽ محمد انس گهانگهرو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

ڏينهن ڏينهن صحافين ۽ سول سوسائٽي سميت وارثن جي بي چيني ۾ اضافو ٿي رهيو آهي: مظاهرين

سکر(بيوروريورٽ) سکر ۾ صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف سکر يونين آف جرنلسٽس پاران 49 ڏينهن به جدوجهد جاري رکندي سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي بک هڙتال جاري رکي اصل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽلهار ۾ قومي عوامي تحريڪ
ٽلهار طرفان گيس جي هڙتادو
ڪوٽ خلاف احتجاج

ٽلهار(رپورٽر) ٽلهار ۾ قومي عوامي تحريڪ ٽلهار طرفان گيس جي هڙتادو ڪوٽ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج مظاهرو ٽلهار ۾ قومي عوامي تحريڪ اڳواڻن پاران تعلقي ٽلهار ۾ گئس جي لوڊشيڊنگ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو احتجاج ۾ عوامي تحريڪ اڳواڻ امجد لغاري آصف ٽالپر فراز شاهه ۽ شهري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

سکر: صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڳوٺ راجو نظاماڻي ۾ ترقياتي ڪمن جو ڄار وڇايو پيو وڃي: علائقي واسي

سيد نويد قمر جي ترقياتي فنڊن سان لکين رپين جي لاڳت سان ڪم جاري آهي

سيد نويد قمر پنهنجي فنڊن سان گهٽيون پڪي ڪرائي عوام جو جائز مسئلو حل ڪيو آهي

ٽنڊو محمد خان(۾ مظفر علي بروهي) ڳوٺ راجو نظاماڻي ۾ ترقياتي ڪمن جو ڄار وڇايو پيو وڃي. پيپلز پارٽي روڊن کي پڪو ڪري عوام جو مطالبو پورو ڪيو آهي، جنهن تي اسان اڳواڻ ايم اين اي سيد نويد قمر جا ٿورائتا آهيون. مقامي رهواسين صحافين سان ڳالهائيندي تفصيل موجب ٽنڊي محمد خان جي ڳوٺ راجو نظاماڻي ۾ اڳوڻي ايم اين اي سيد نويد قمر جي ترقياتي فنڊن سان لکين رپين جي لاڳت سان ڪم جاري آهي. گذريل ڏينهن اڳوڻي ايم اين اي سيد نويد قمر جي خاص هدايت تي پيپلز پارٽي جي اڳواڻ مير علي رضا ٽالپر، ميمبر ضلعي ڪائونسل اعجاز درس، غلام مصطفيٰ ويسرو، دانش راجپوت، رضا خاصخيلي، اسد ٽالپر، ڳوٺ راجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر جي بهادر شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي حيدرآباد ريجن جي اڳواڻ رمضان شورو پاران ريلي

غلام قادر شورو، مظفر علي بروهي، منير بروهي، محمد انصار، زاهد قريشي، ساحل اياز ۽ ٻيا شريڪ

سکر ۾ بيدردي سان قتل ڪري سنڌ جي صحافين کي روڊن رستن تي احتجاج ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) سکر جي بهادر شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل واري واقعي ۾ جوابدارن کي نگران سرڪار طرفان گرفتار نه ڪرائڻ تي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي طرفان ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي حيدرآباد ريجن جي اڳواڻ رمضان شورو، سينئر صحافي غلام نبي ڪيريو، پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ميرپورخاص سول اسپتال جي
ميٽرنٽي وارڊ جي سامهون
ٻارڙي جو لاش هٿ

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص سول اسپتال جي ميٽرنٽي وارڊ جي سامهون نئين ڄاول ٻارڙي جو لاش هٿ اچڻ جو اطلاع ملڻ تي ٽائون پوليس جي اي ايس آءِ عباس علي عباسي گٽر مان تازي ڄاول ٻارڙي جو لاش ڪڍي ايڌي اختيارين حوالي ڪيو. شهر جي ڪچري ۽ ڪچري مان اڪثر نون ڄاول ٻارڙن جا لاش مليا آهن ۽ سول اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

واره عوامي تحريڪ جي سينيئر اڳواڻ ليکڪ ڪامريڊ منان چانڊيو جي ٻي ورسي، خراج تحسين پيش

آخري آرام گاهه تي گلن جي چادر چاڙهي، واره ۾ جلسي عام ڪري ڪامريڊ منان کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

جلسي عام کي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار خطاب ڪيو

مرڪزي صدر عاطف ملاح، نجيب الرحمان مهيسر، ڪامريڊ منان جي نياڻي مرڪ منان ۽ ٻين ڪامريڊ منان کي ڀيٽا ڏني

واره(رپورٽ) واره عوامي تحريڪ جي سينيئر اڳواڻ، ليکڪ ڪامريڊ منان چانڊيو جي ٻي ورسي جي موقعي تي سندس آخري آرام گاهه تي گلن جي چادر چاڙهي، واره شهر ۾ جلسي عام ڪري ڪامريڊ منان کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي. جلسي عام ۾ عورتن، ٻارڙن، نوجوانن، شاگردن، هارين ۽ مزدورن جي وڏي انگ ۾ شرڪت. جلسي عام کي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڏابيجي پمپنگ اسٽيشن تي ڪي اليڪٽرڪ پاران اوچتو بجلي جو بريڪ ڊائون

بريڪ ڊائون سبب شهر کي 104 ايم جي ڊي پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پيو

ايم ايس لائين نمبر پنج جي مرمت جو ڪم رات پيٽ ۾ مڪمل ڪيو ويو: ترجمان

ڪراچي (رپورٽر) ڏابيجي پمپنگ اسٽيشن تي ڪي اليڪٽرڪ پاران اوچتو بجلي جو بريڪ ڊائون سبب شهر کي 104 ايم جي ڊي پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پيو. ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب بجلي جو بريڪ ڊائون ڪالهه صبح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

گلاب لغاري پرسان تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ ۾ مدفون حسين شاهه جيلاني جي ڏهاڙي جي تقريب

تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ ۾ مدفون بزرگ اولياءُ پير حسين شاهه جيلاني جي تقريب منعقد ٿي گذري

حافظ قرآن اصغر لغاري مولوي ابوبڪر مولوي عبدالعزيز لغاري ۽ امام بخش خليلي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

گلاب لغاري (رپورٽ گلزار لغاري) گلاب لغاري پرسان سنڌ جي تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ ۾ مدفون بزرگ اولياءُ پير حسين شاهه جيلاني جي ساليانو هڪ روزه ڏهاڙي جي تقريب نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي ويئي جنهن جو افتتاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گلاب لغاري: تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ ۾ مدفون حسين شاهه جيلاني جي ڏهاڙي جي تقريب ٿي رهي آهي

سپاف شڪارپور طرفان ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي، بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

وقت سر اليڪشن نه ٿيڻ خلاف استورگنج کان پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ريلي ۾ سپاف ضلعي صدر آغا جلال خان پٺاڻ، اعجاز سيال، فيصل پٺو، نعمان پٺاڻ ۽ ٻيا شريڪ

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) سپاف ضلعي شڪارپور طرفان ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي، بدامني ۽ وقت سر اليڪشن نه ٿيڻ خلاف استور گنج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

جمعيت علماءِ اسلام نئون تعلقي سکر جي مجلس شوريٰ جو اجلاس

جامع حسنين مسجد سکر ۾ امير مولانا عبدالحميد مهر جي صدارت هيٺ ٿيو

جي يو آءِ پاران 22 آڪٽوبر تي ٿيندڙ مهانگائي ۽ امن مارچ جي تيارين ۽ ڪاميابي تي غور

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام نئون تعلقي سکر جي مجلس شوريٰ جو اجلاس جامع حسنين مسجد سکر ۾ امير مولانا عبدالحميد مهر جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ سڪندر جوڻيجو، قاري اسلام جوڻيجو ۽ ٻين شرڪت ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

راڻيپور گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جان محمد وندير ۾ جشن عيدميلاد ص جي تقريب

مناسبت سان تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ نعت خواني، تقرير ۽ ڪوئيز مقابلو ٿيو

اُستاد عبدالحميد چاچڙ، اُستاد علي احمد سهتو، اُستاد مير حسن پنهور، اُستاد غلام تڪي شريڪ

راڻيپور (رپورٽر) گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جان محمد وندير ۾ جشن عيد الميلاد نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي مناسبت سان تقريب منعقد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

راڻيپور: گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جان محمد وندير ۾ جشن عيدميلاد ص جي تقريب کي مقرر خطاب ڪندي

ٺٽي جي سينيئر ۽ نوجوان وڪيل قربان علي هالو پاران جميل احمد شاهه کي مبارڪون

سماجي شخصيت سيد جميل احمد شاهه کي سپريم ڪورٽ جو وڪيل ٿيڻ تي مبارڪون ڏنيون

اهڙي معاملي تي ٺٽو ڊسٽرڪٽ بار ائسوسيئيشن جي نوجوان وڪيلن ۾ اتساهه پيدا ٿيندو: ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي جي سينيئر ۽ نوجوان وڪيل ايڊووڪيٽ قربان علي هالو پاران سپريم ڪورٽ جي وڪيل ۽ ٺٽي جي ناميارين سياسي ۽ سماجي شخصيت سيد جميل احمد شاهه کي سپريم ڪورٽ جو وڪيل ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

خيرپور ناٿن شاهه ۾ جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليه واله وسلم جي سلسلي ۾ تقريب منعقد

جشن عيد ميلاد النبي ص جي سلسلي ۾ پنائي هاءِ اسڪول ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي

ڪي اين شاهه مان 5 شاگردن جي چونڊ ڪري ٻهرين کان ڏهين ڪلاس تائين مفت تعليم ڏني ويندي

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليه واله وسلم جي سلسلي ۾ پنائي هاءِ اسڪول ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي تفصيل موجب. خيرپور ناٿن شاهه جشن عيد ميلاد النبي صلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

خيرپور ناٿن شاهه: جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليه واله وسلم جي سلسلي ۾ تقريب ٿي رهي آهي

ڪراچي سچل ڳوٺ نرسري تي پورهيت پاران ٻاٽرن خلاف احتجاجي مظاهرو

ملي ڀڳت ڪري سچل ڳوٺ ۾ روڊ جي پرسان نرسري لڳائڻ لاءِ ليز تي زمين ورتي

چڙهائي ڪري مزدورن کي گرفتار ڪري رشوت وٺڻ بعد انهن کي آزاد ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سچل ڳوٺ نرسري تي پورهيت ذاڪر علي ڪانڌڙو پريس ڪانفرنس ڪندي ڌانهيندي چيو ته ٻاٽر کي ڊي اي جي راشي عملدارن سان ملي ڀڳت ڪري سچل ڳوٺ ۾ روڊ جي پرسان نرسري لڳائڻ لاءِ ليز تي زمين ورتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

درگاهه عاليه لواري شريف تي پير آف لواري شريف پاران جشن عيد ميلادالنبي ص ملهايو ويو

حبيب الله جت نعيمي، حافظ محمد يونس ابڙو، حافظ محبت علي جامي ۽ ٻين اڳواڻن پاران شرڪت

حسين ميمڻ، قاري حسين بلالي، مولانا هارون ۽ ٻين علماءِ اڪرامن سيرت نبي ص تي روشني وڌي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) درگاهه عاليه لواري شريف تي پير آف لواري شريف حضرت قبلا پير محمد صادق قريشي نقشبندي طرفان جشن عيد ميلادالنبي ص نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. ان سلسلي ۾ درگاهه لواري شريف تي پرنور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان پوليس جي منشيات خلاف وڏي ڪاروائي ،هزارين ليٽر ڪچو شراب هٿ

ايس ايس پي سليم شاهه جي احڪامات تي پوليس وڏن اتالن ڳوٺ ڪمال رشيداڻي ۾ ڪارروائي

الڳ الڳ 5 چڙهائين ڪري هزارين ليٽر ڪچو شراب ۽ ڪچي شراب ٺاهڻ جو وڏي مقدار سامان هٿ

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ : ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان پوليس جي منشيات خلاف وڏي ڪاروائي ۾ هزارين ليٽر ڪچو شراب برم متڪا برآمد ڪري 5 منشيات فروشن خلاف ايف آءِ آر داخل .خبر موجب ٽنڊو محمد خان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو محمد خان: ڊي سي پي محمد خان زئور پريس ڪانفرنس ڪندي، ٻئي طرف هٿ ڪيل منشيات

پروفيسر لياقت عزيز سنڌ جو محسن ۽ اٽڪ ڪردار هو، سنڌس ڪردار لازوال آهي: ساجهي وند

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران لياقت عزيز سولنگي جي پنجين ورسي ملهائي وئي

سماج سڌارڪ، جاڪوڙي ليکڪ، بيباڪ اديب، دانشور، سپلاجي باني اڳواڻ جي ورسي ملهائي وئي

پروفيسر لياقت عزيز سولنگي يادگار ايوارڊ 2023ع تقريب پريس ڪلب ٽنڊي محمد خان ۾ ٿي گذري

ٽنڊو محمد خان (۾ مظفر علي بروهي) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران ناميارو تعليمي ماهر، سماج سڌارڪ، جاڪوڙي ليکڪ، بيباڪ اديب، دانشور، سپلا جي باني اڳواڻ پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جي پنجين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو محمد خان: پروفيسر لياقت عزيز سولنگي يادگار ايوارڊ 2023ع" تقريب پريس ڪلب ٽنڊي محمد خان ۾ ٿي گذري

بگهاڙ موري لڳ پيرڳوٺ ۾ مولاسخي
ڏاتار جميل شاهه گرناري جو عرس
ملهايو ويو

گهوڙاٻاري(رپورٽر) بگهاڙ موري لڳ پيرڳوٺ ۾ چلهه گاهه مولاسخي ڏاتار جميل شاهه گرناري جو عرس مبارڪ وڏي عقيدت سان ملهايو ويو آمريڪا توڙي ڪراچي سميت ضلعي جي مختلف هنڌن ۽ شهرن کان وڏي تعداد ۾ زائرين جي شرڪت درگاهه تي چادر چاڙهي دعا گهري وئي ۽ لنگر جو به بندوبست ڪيو ويو ميلي ۾ سيڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو محمد خان ۾ ڏيتا برادري طرفان ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي حمايت ۾ ريلي

علائقي مان منشيات جي خاتمي آڻڻ لاءِ ڪيل آپريشن تي ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو ويو

ڪارروائي دوران منشيات برآمد ڪرڻ تي ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي

ٽنڊو محمد خان (۾ مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ ڏيتا برادري طرفان ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي علائقي مان منشيات جي خاتمي آڻڻ لاءِ ڪيل آپريشن تي ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو ويو، خبر موجب ڏيتا برادري طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ برادري جي اڳواڻ محرم ڏيٿو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ منشيات جي خاتمي تي ڪيل آپريشن ۾ ڪيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

مڪلي شهر جي مڪلي سوسائٽي ۽ غلام روڊ تي قائم حدخلين خلاف انتظاميا پاران ڪارروايون

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو پاران اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو کي حد دخلين هٽائڻ لاءِ ڏنل حڪمن کان پوءِ واپارين ۾ ٽرٽلو

اي سي دوڪانن ۽ شاپنگ مالز اڳيان ڪيل قبضا هٽائڻ لاءِ ڏبئي شاپنگ مال اڳيان ڪيل قبضو ٽوڙائي ڇڏيو

اي.سي ٺٽو ڊپٽي ڪمشنر کي مس گائيڊ ڪندي قبضا هٽائڻ لاءِ پهچي ويو جيڪو غيرقانوني عمل آهي: واپاري

ٺٽو(رپورٽر) مڪلي شهر جي مڪلي سوسائٽي ۽ غلام روڊ تي قائم شاپنگ مالز ۽ دوڪاندار واپارين پاران پنهنجن شاپنگ مالز ۽ دوڪانن اڳيان سرڪاري حدن ۾ داخلا پوائنٽس ناهڻ ڪانپوءِ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو پاران اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو کي حد دخلين هٽائڻ لاءِ ڏنل حڪمن ڪانپوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو پاران واپارين کي به هفتا پهرين حد دخلين هٽائڻ لاءِ نوٽسز جاري ڪرڻ ۽ دوڪاندارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو: ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي حدخلين خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

مشهور روحاني درگاهه شريف
سرڪار پير ڪامل شاهه جيلاني
جي چوڏهين مبارڪ

دولت پور صفن (رپورٽر) سنڌ جي مشهور روحاني درگاهه شريف سرڪار پير ڪامل شاهه جيلاني جي چوڏهين مبارڪ ڳوٺ سيد چتن شاهه لڳ ڪماندو سنٽر ۾ نهايت احترام ۽ ادب سان ملهائي وئي جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سوين مريد خادم توڙي عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي درگاهه شريف جي گادي نشين سيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٿرپارڪر ۾ هڪ مهينو پهرين ڳچ گوهه ۾ هلندڙ سفينا، آداب سرعام وڪرو ٿيڻ لڳيون

تعلقن منجهان 6 تعلقن اندر هيڊڪوارٽر شهر مٺي کان نشي آور پڙين جي سپلائي ٿيڻ لڳي

مٺي، ڇاڇرو، ننگرپارڪر سميت سموري ضلعي ۾ منشيات فروشي جو ڪاروبار عروج تي آهي

آفيسرن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪري منشيات فروشن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي

اسلام ڪوٽ: (رپورٽ صادق بجير) ضلع ٿرپارڪر ۾ هڪ مهينو پهرين ڳچ گوهه ۾ هلندڙ سفينا، آداب ۽ رائل ڪنگ نشي آور پڙيون هاڻ سرعام وڪرو ٿيڻ لڳيون آهن. سموري ضلعي جي هر ڳوٺ، شهر توڙي ڳلي محلن ۾ آساني سان دستياب آهن. ضلع ٿرپارڪر 7 تعلقن منجهان 6 تعلقن اندر هيڊڪوارٽر شهر مٺي کان نشي آور پڙين جي سپلائي ٿيڻ لڳي آهي. جڏهن ته باخبر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪراچي انڊس ٽائون يونين جي صدر فلاحي ڊولپمينٽ لاءِ رکيل پلاٽ وڪرو ڪري ڇڏيا

رهواسين پاران يونين صدر علي غلام پنهور خلاف هٿن ۾ بئنر کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

صدر ڪمن لاءِ 120 گز جا رکيل 60 پلاٽن مان اڪثر ڪري پلاٽ پئسن تي وڪرو ڪري ڇڏيا: مظاهرين

فلاحي ڪمن لاءِ رکيل پلاٽ وڪرو ڪندڙ علي غلام پنهور خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي انڊس ٽائون يونين جي صدر پاران فلاحي ڊولپمينٽ لاءِ رکيل پلاٽ وڪرو ڪري ڇڏيا وري اسڪول لاءِ رکيل پلاٽ وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش رهواسين پاران يونين صدر علي غلام پنهور خلاف هٿن ۾ بئنر کڻي احتجاجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي: رهواسي يونين صدر علي غلام پنهور خلاف هٿن ۾ بئنر کڻي احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڪشمور ۾ ايس ايس پي جي
هدايتن تي پوليس پاران ڪچي ۾
ڌوهارين خلاف آپريشن جاري

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمورايس ايس پي روحل احمد کوسو جي خاص هدايتن تي ڪندڪوٽ ڪشمور جي مختلف ٿاڻن جي پوليس دراني مهر جي ڪچي واري علائقن ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن جاري ڪندڪوٽ ان سلسلي ۾ ايس ايس پي روحل احمد کوسو رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڪندڪوٽ جي دراني مهر جي ڪچي واري علائقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر ۾ ڇهين لالا عمر جان ڪرڪيٽ ٽورناميٽ 2023ع جي افتتاحي تقريب

شروعات ينگ جعفرآباد ۽ مهراڻ بچل شاهه ڪرڪيٽ ڪلب وچ ۾ کيڏي وئي

مهراڻ بچل شاهه ڪرڪيٽ ڪلب 113 جي مجموعي اسڪور تي آل آئوٽ ٿي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) ڇهين لالا عمر جان ڪرڪيٽ ٽورناميٽ 2023ع جي افتتاحي ميچ پي سي بي گرائونڊ سکر ۾ کيڏي وئي، ٽورناميٽ جي شروعات ينگ جعفرآباد ۽ مهراڻ بچل شاهه ڪرڪيٽ ڪلب وچ ۾ کيڏي وئي، ينگ جعفرآباد جي ٽيم پهرين بيٽنگ ڪندي 158 رنسون ٺاهيون جڏهن ته مهراڻ بچل شاهه ڪرڪيٽ ڪلب 113 جي مجموعي اسڪور تي آل آئوٽ ٿي وئي، اهڙي طرح ينگ جعفرآباد ڪرڪيٽ ڪلب 45 رنسن تان ڪاميابي حاصل ڪئي، ان موقعي تي لاڙڪاڻي ڪرڪيٽ جو صدر لالا تنوير احمد ۽ سکر ضلعي صدر آغا جاويد احمد خاص مهمان کان علاوه شوقين تماشائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ميچ جي پڄاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

اسلام ڪوٽ ۾ ٿرڪول بلاڪ ٽو جي ذيلي تنظيم ٿر فائونڊيشن پاران ميڊيڪل ڪيمپ

ٿر فائونڊيشن ۽ البصير ڪراچي طرفان 3 ڏينهن واري اکين جي مفت ميڊيڪل ڪيمپ جاري

109 مريضن جا آپريشن ڪيا ويا ۽ ضرورتمندن کي مفت نظر جا چشما ۽ دوائون ڏنيون ويون

ڪيمپ تي مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين ڪيمپ جو دورو ڪيو ۽ عمل کي ساراهيو

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ٿر فائونڊيشن ۽ البصير ڪراچي طرفان ٽن ڏهاڙن واري اکين جي مفت چڪاس ۽ مفت آپريشن لاءِ ڪيمپ جاري رهي آهي. جتي ٿرپارڪر جي مختلف علائقن مان 1150 مرد، عورتون ۽ ٻار چڪاس لاءِ پهتا جن جي چڪاس بعد ڪين ضروري دوائون ۽ نظر جا چشما ڏنا ويا. ڪيمپ ۾ 104 مريضن جا مفت آپريشن پڻ ڪيا ويا. ٿر فائونڊيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

اسلام ڪوٽ: ٿرڪول بلاڪ 2 ۾ لڳايل ڪيمپ ۾ ويٺل مريضن جو ڏيک

ميرپورخاص حيسڪو پاران بجلي
چورن خلاف آپريشن دوران حملي
جا 2 ڪيس داخل

ميرپورخاص (رپورٽر) حيسڪو پاران بجلي چورن ۽ نادهندن خلاف آپريشن دوران حيسڪو ٽيم تي حملو ڪندڙ جوابدارن خلاف به الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. هڪ ڪيس حملي آورن خلاف داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ٻئي ڪيس ۾ 20 نامزد ۽ 7 نامعلوم حملي آور شامل آهن ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. 7 جوابدارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بجاراڻي ۽ تيغاڻي برادرين ۾ هلندڙ خوني تڪرار جي خاتمي لاءِ اڄ نبيرو ٿيندو

شڪارپور ۾ ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي وٽ فيصلي جي تاريخ مقرر ڪرائي وئي آهي

ڌرين جا مجموعي طور تي گولين لڳڻ سبب 75 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي پڻ ٿيل آهن

نبيري جي تاريخ جي اعلان جي علائقي جي سياسي ۽ سماجي حلقن ڀرپور آجيان پڻ ڪئي آهي

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) بجاراڻي ۽ تيغاڻي برادرين ۾ هلندڙ خوني تڪرار جي خاتمي لاءِ بجاراڻي برادري ۽ تيغاڻي برادري جي ٻنهي سردارن ناهه لاءِ راضپو ظاهر ڪندي 2 آڪٽوبر تي شڪارپور ۾ ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي وٽ فيصلي جي تاريخ مقرر ڪرائي ٻنهي ڌرين خوني تڪرار ختم ڪرڻ لاءِ ناهه جو راضپو ظاهر ڪري ڇڏيو آهي واضح رهي ته بجاراڻي ۽ تيغاڻي خوني تڪرار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

✻✻✻ روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي ✻✻✻ رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 02 آڪٽوبر 2023ع

پاڪستان ۽ افغانستان پوليو جي جند ڪڏهن ڇڏيندا؟

تازو لاهور جي ماحولياتي نمونن ۾ پوليو وائرس جي تصديق ٿي آهي، راولپنڊي ۾ سيوريج جي نمونن مان پوليو وائرس جي موجودگيءَ جو پتو پيو آهي. سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچي توڙي خيبر پختونخوا جي ستن ضلعن جي ماحولياتي نمونن ۾ پڻ پوليو وائرس جي تصديق ٿي آهي. صحت جي عالمي اداري (WHO) جي پوليو ايمرجنسي ڪميٽيءَ پاڪستان ۽ افغانستان ۾ پوليو جي ڦهلاءَ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته، پاڪستان ۾ پوليو جي ڦهلاءَ جو خطرو موجود آهي. ٻارن جو وڏو تعداد پوليو جا ڦڙا پيئڻ کان محروم آهي. صحت جي عالمي اداري موجب: پاڪستان ۾ سياسي عدم ۽ استحڪام ۽ امن امان جي صورتحال پوليو جي خاتمي ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي ۽ پوليو ويڪسين جي بائيڪاٽ سبب به مسئلا ٿي رهيا آهن.

هونئن ته پاڪستان ۾ پوليو خلاف مهم جي تاريخ اڌ صديءَ تي محيط آهي پر ملڪ مان پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ ويڪسينيشن جي تاريخ به ٽي ڏهاڪا پراڻي آهي. 1994ع ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي حڪومتي دور ۾ شروع ڪيل ان مهم جي عمر 30 سال اچي ٿي آهي پر ان عرصي ۾ به ملڪ مان پوليو جو خاتمو نه ٿي سگهيو آهي. توڙي جو اها مهم به مسلسل هلي رهي آهي. ان دوران سڄي دنيا جا ملڪ پوليو کان پاڪ ٿي ويا آهن. نائيجيريا به آخري ملڪ هو جيڪو "پوليو فري" ٿي ويو پر پاڪستان ۽ افغانستان اڃان تائين پوليو مان جند ڇڏائي ناهن سگهيا. اصل ڳالهه اها آهي ته پوليو ڪٿي انهن ملڪن جي جند به ڇڏي پر اهي پوليو جي جند ڇڏڻ لاءِ تيار ناهن. سڄي دنيا انتظار ۾ آهي ته رڳو افغانستان ۽ پاڪستان پوليو جي جند ڇڏين ته سڄي دنيا کي "پوليو فري" قرار ڏيئي ڇڏجي. اسان جو الميو اهو آهي ته رڳو ٻاهران پئسا اچڻ جو سلسلو نه هجي پوي ته پوءِ ان پراجيڪٽ مان اسان هٿ ٺي ڪونه ڪيندا آهيون. پوليو ورڪر ته سوين خطرن ۽ مصيبتن کي منهن ڏئي پوليو مهم هلائين ٿا پر اصل نٽ پوليو جي خاتمي واري پروگرام ۾ ڪم ڪندڙ آفيسرن جا آهن. جن جون نه صرف ڀرڪشش پگهارون آهن پر ڪين گاڏيون ۽ ٻيون آسائشون به ميسر آهن. ان ڪري اهي پوليو جي جند ڪيئن ڇڏيندا! افغان پناهگيرن جي مهمانداريءَ جو مثال اسان جي سامهون آهي. هر ڀيري انهن جي هتي ترسڻ جي مدي ۾ واڌ ٿيندي رهي آهي. اسان سمجهون ٿا ته پوليو ختم نه ٿيڻ جو هڪ سبب افغانين جي اچ وڃ آهي. خيبر پختونخوا سميت ملڪ جي ڪجهه علائقن ۾ پوليو ويڪسين جي مخالفت ۽ مزاحمت آهي. پوليو ٽيمن تي حملا ڪيا وڃن ٿا. ماڻهن کي اها ترغيب ڏني وڃي ٿي ته اهي پنهنجن ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا نه پيارين. اهو سڀ ڪجهه اهي رجعت پسند ۽ بنياد پرست ڌريون ڪري رهيون آهن، جن وٽ وڪڻڻ لاءِ ٻيو ڪجهه به نه بچيو آهي. اها ۽ ان جهڙيون ٻيون ڦڪيون وڃي بچيون آهن. جن جي سهاري اهي پاڻ کي جيئرو رکڻ جي جستجو ڪري رهيون آهن. انهن جو ڏهڪاءُ ايترو ته آهي، جو حڪومت به جاڳرتا مهم هلائڻ ۽ ويڪسين خلاف پروپيگنڊا روڪڻ جي وڪ نه پئي ڪٿي سگهي. اسان سمجهون ٿا ته جيستائين افغان پناهگيرن کي سندن ملڪ واپس نه موڪليو ويندو ۽ افغانين جي اچ وڃ بند نه ٿيندي، تيستائين ملڪ مان پوليو جي خاتمي جو ڪو به امڪان پيدا ٿي نه سگهندو. بنيادي ۽ اهم قدم افغان پناهگيرن کي واپس موڪلڻ ۽ انهن جي پاڪستان ڏانهن اچ وڃ بند ڪرڻ ٿي آهي. نه ته پاڪستان پهرين پوليو کان پاڪ ٿي وڃي پر افغانستان مان اچ وڃ سبب وري پوليو ڪيس ظاهر ٿيڻ لڳندا.

پاڪستاني اختيارين کي گهرجي ته اهي خلق نه ڪلائين، پوليو جي خاتمي لاءِ سنجيده ڪوششون ورتيون وڃن. دنيا جون نگاهون پاڪستان ۽ افغانستان ۾ آهن. دنيا رڳو پاڪستان ۽ افغانستان جي ڪري پوليو کان پاڪ نه ٿي سگهي آهي. ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي اذيت ٿي سگهي ٿي! ان ڪري افغان پناهگيرن کي سندن ملڪ موڪليو وڃي، پاڪستان ڏانهن انهن جي اچ وڃ بند ڪرائي وڃي. پوليو ويڪسينيشن مهم جي مزاحمت ڪندڙن خلاف سخت قدم کنيو وڃي.

پاڀوهي هيڪارَ، مون کان پُڇيو سَڄڻين:
اَلَستُ بِرَبِّڪُم، چيائون جنهن وارَ:
سَنڌي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نه لهي.

مازي جلباڻي معامرو؟ تاريخ ڪنهن کي ٻيهي ڏوهي قرار ڏيندي؟

عبداش پنهور

مازي جلباڻي معامري اسان جهڙن ڪيترن ماضي جي آدرشي انسان کي جوين جواني وارا جهيرياد ڏياري ڇڏيا آهن". جيئي سنڌ، جيئي سنڌ، جام محبت پيئي سنڌ" جنهن کي وقت جي پاڪستان جي پهرين فيڊرل ڪورٽ (عرف هاٽوڪي سپريم ڪورٽ جو درجو رکندڙ وفاقي عدالتي نظام) تڏهن ثقافتي گيت چئي سنڌهاري ڪاميٽي جي سرواڻ ۽ قومي گيت جي شاعر بابا سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي کي سوپارو قرار ڏنو هو جڏهن لاڙڪاڻي واري قاضي ته پڪري جوري جي الزام ڪامريڊ جتوئي سوگهو ڪرايو هو تڏهن مچ جيل ۾ هڪ وڪيل عيسي' قاضي قومي گيت جي شاعر بابا سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي سان اچي مليو ۽ خواهش پڌري ڪئي ته "چا مان اوهان جي ڪيس جي پيروي ڪري سگهان ٿو" هن وقت سنڌس موبي جسٽس جناب جسٽس قاضي فائز سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو چيف جسٽس آهي، جنهن جي شهرت جو هڪڙو تمام وڏو سبب "فيض آباد" ڌرڻو ڪيس تي ڀڌايل فيصلو آهي پر هاڻ سنڌ جا ماڻهو سوال ڪندي انصاف جي گهر ڪري رهيا آهن ته ڇا ڇڪراڳوٺ واقعي وانگر سپريم ڪورٽ سڪرنڊ مازي جلباڻي واقعي جو پاڻمرادو نوٽيس وٺندي! اهو قانوني رستو آهي پر هن سانحي شعوري سنڌ کي تمام گهڻو سوڳوار ڪري ڇڏيو آهي جو ته جڏهن دولت پور جي پنڊ برداري سان واقعو ٿيو ۽ ڪشمور ڌرڻو لڳو اهڙن واقعن تي مون کي ردعمل اهو اردو جو شعر ذهن تي تري آيو ته "تماشا عجب زندگي ڪا ديڪا، مقتول ڪي ميت ۾ قاتل ڪو ديڪا" ڪشمور ڌرڻي ۾ جيڪي شريڪ هئا انهن مان ڪيترن اهو به مطالبو ڪيو هو "سنڌ ۾ پلي فوجي آپريشن ڪيو وڃي" اخباري رڪارڊ موجود آهي ته ڪير هئا اهڙو مطالبو ڪندڙ ڌاڙيلن جا ڏتي . ؟ (هاڻ وڌيڪ لوڪ حيران آهي ته مازي جلباڻي ڌرڻو ختم ڪرائڻ رڳو سادي ايف آءِ آر جي آڌار واري عمل تي سوشل ميڊيا ايس پي صدر زين شاهه تي صفا مجريل آهي، ماڻهو سندس ساک تي سوال اٿاري رهيا آهن) ڪير حيران نه ٿئي گڏريل ڏيڊمهينو ٿيندو سمورو اخباري رڪارڊ هٿ ڪيو ته پڪا ثبوت ملندا ته سنڌ ۾ اهڙي قسم جي آپريشن لاءِ پهريان ماحول جوڙيو ويو آهي، جيڪو عمل سنڌ جي جمهوري سوچ خلاف هڪ خطرناڪ سازش آهي. سنڌ ۾ جي ڊي اي سياسي اتحادي اڳواڻن بشمول جي يو آءِ وارا سنڌ ۾ سٽيي آسري تي پ پ پ مخالفت ۾ مليون مليون ڳالهيون ڪندڙ ن ته سنڌ ۾ زهر پکيڙي ڇڏيو آهي چا اهو سياسي حيران ڪندڙ واقعو ناهي ته جهڙي ريت پ پ پ دشمني ۾ نوازشريف شهيد بشيرخان قريشي تي ڏتي تي آيو هو تهڙي ريت جسقم چيئرمين صنعان قريشي واري جي يو آءِ سنڌ جي هڪڙي اهڙي ماني تقريب ۾ شريڪ ٿيو جتي تاثر اهو جڙي

[illegible]

ٽيو تاريخ ۾ جنرل آصف نواز زنده آباد ها! بلڪل پلي ياد ڪيو ۽ ڪنهن به وساريڻ نه ڪپي ته تنهن ٽنڊو بهاول واري مظلوم ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ جو مرڪزي ڪردار وقت جو آرمي چيف جنرل آصف نواز جنجوعه آهي. تنهن وقت جي وزيراعظم نوازشريف جون 1992ع ۾ ٽنڊو بهاول ڳوٺائن کي ڌاڙيل قرار ڏيئي مارڻ ۽ دشمن ملڪ پارت جو ايجنٽ قرار ڏيئي قتل ڪرڻ بابت جيڪو سانگهڙ ڪانفرنس ۾ پنهنجي خطاب دوران بيان ڏنو هو اهو به خاص ڪري پي ٽي وي کان اي پي پي واري سرڪاري رڪارڊ طور ضرور ملڻ کپي، جيڪو به انصاف وارو يا جانچ وارو ادارو جانچ شروع ڪري ته تاريخي طور اهي رڪارڊ به ضرور دليل آڌارپنائي سگهي ٿو. نوي جي ڏهاڪي ۾ هڪڙي پيري ڪامريڊ جام ساقي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته " جن مال ڪائي ڏلو، اهي پال جا پاڙيا ٿيندا آهن" سارنگ جام ڪمال جو تاريخي وڊيو رڪارڊ بيان لوڪ پچاريو آهي سو به تڏهن جڏهن ڪشمور ۾ ڌرڻو لڳل هو وري هاڻ تازوئي ڪمال جو تاريخي ٽڪرو بيان لوڪ پچاريو سارنگ سوچ جي سفر کي اڳتي وڌيو ته "جام ساقي پهريون شخص هو جنهن بنگال آپريشن جي مخالفت ڪئي" سڪرنڊ سانحي مازي جلباڻي ڳوٺ واقعي تي امداد اوڊو جي سربراهي واري خابرو اداري طرفان سوڳوار سنڌ جو لوڪ منظر پچاريو پيو وڃي، سوشل ميڊيا صفا ٻڙڪيل آهي. ڏيهه ڏيساور تائين رنج جي رڙ لوڪ پچارجي رهي آهي تازوئي ڏيساوري سنڌي صحافي حسن مجتبيٰ لکيو ته "رينجرز مسئلي جو حل ناهي، رينجر خود مسئلو آهي" هڪ ٻئي صحافتي لڙهي جي نوجوان شوڪت زرداري تمام تکي لهجي ۾ ردعمل ڏيندي سوال اٿاريا آهن ته جن جناح هائوس ، جي ايچ ڪيو فوج تي 9مئي تي سڌا حملا ڪيا انهن مان ڪيترن مازي جلباڻي ڳوٺائن تي فائر ڪيل سڌيون گوليون هلايون ويون؟ چو ته رڳو هڪ شخص جي ڪنهن جي الزام جي آڙ ۾ گرفتاري جو بهانو ڪري ڳوٺاڻا قتل ڪرڻ عالمي انساني حقن پڻ لتاڙ آهي قانون جي پڻ اورنگهه آهي ساڳئي وقت آئين جي توهين چو ته آئين شهرين جي جان مال جو تحفظ يقنيني بنائي جي ضمانت ڏئي ٿو پوءِ پلاهي آئين ڪهڙي طاقت ٽوڙيو آهي؟ ڳوٺائن جا هڪٻئي ڪا ن سگهڙ سوال ههڙا آهن ته سڪرنڊ ۾ وري چاٽيو آهي؟ جواب ۾ اوطاقن ۾ /وات ويندي ۽ هوٽل تي ويٺل ماڻهو جون ٽا فوج ماڻهو ماريا آهن .

وري ڪٿي؟ مازي جلباڻي ۾ ساڳيو سڪرنڊ ساڳيو آهي، هاها اڳي به ٽنڊو بهاول ۾ فوج ماڻهو ماريا هئا مري ۾ مانهپ ماريا هئا ميهڙ ۽ ڪي اين شاهه ۾ ماڻهو ماريا ويا هئا. پنهل خان چانڊيو ڳوٺائن سان جهيڙو ٿيو فوج ماڻهو ماريا هئا پر اهو نه نوازشريف جنرل ضيا جو دور هو ظلم ڪير به ڪري تنهن کي

پاڻي جي ڪوٽ: هڪ وڏي بحران جو اعلان

مهراڻ علي شاهه

[illegible]

بقايا *** 01

شخصيت طرفان ڏنو ويو هجي ته ان کي هر ڪو خوشي سان قبول ڪندو آهي. اٿين ٿي هڪ سعودي عرب جي ٻار سان به ٿيو جيڪو سعودي فرمانروا سان ملڻ لاءِ رش ۾ ٻيٺل هو ۽ خوش قسمتي سان ان دوران ٻار جي ملاقات محمد بن سلمان سان ٿي به وئي. ٻار سعودي شهزادي سان ملندي ئي معصوميت ڀريل انداز ۾ هن جي مرسيڊيز ڏانهن اشارو ڪندي مهانگي گاڏي جي

ڊيزل جي قيمت 329.18 روپيه في ليٽر کان گهٽ ڪري 318.18 روپيه في ليٽر ڪئي وئي آهي. ناڻي واري وزارت نئين قيمتن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي جنهن موجب گهٽ ٿيمتون لاڳو ٿيڻ رات 12 وڳي کان شروع ٿي ويون آهن. ناڻي واري وزارت چيو آهي ته عالمي منڊي ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاٿ سبب قيمتون گهٽ ٿي ويون آهن. روپئي جي قيمت ۾ بهتري سان به پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽ

[illegible]

بقايا — سنڌيار — 01

شيخ پرڪيو ۾ يونين جي صدرمنور مغل جي صدارت هيٺ ٿيوجنهن ۾ يونين جي ليگل ايڊوائيزر ايڊوڪيٽ جي ايم لغاري جنرل سيڪريٽري غلام رسول ٿهيم محمد رفيق سولنگي زبير ساند مبارڪ روستماڻي سميت يونين جي اڳواڻن ۽ مزدورنشرڪت ڪئي اجلاس ۾ فاران شگرملزانتظاميه پاران 3 آڪٽوبر تي علاڻيل ڪين شگر سيمينار ڪرائڻ واري علان بعد يونين اڳواڻن به 3 آڪٽوبر تي رٽيل ملز گيٽ اڳيان ڌرڻي کي ڪامياب بنائڻ لاتياريڻ جو جائزو ورتو ويو يونين جي صدر منور مغل ايڊوڪيٽ جي ايم لغاري غلام رسول ٿهيم جو چوڻ آهي ته اسان 3 آڪٽوبر تي هر صورت ۾ ڌرڻو هڻنداسين هنن چيو ته اسان جو ڌرڻو پرامن هوندو جيڪڏهن ملزانتظاميه پرامن احتجاج کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڀرپور جواب ڏينداسين هنن چيو ته اسان پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهيون ۽ حق وٺي رهنداسين هنن چيو ته اسان کي اطلاع مليا آهن ته ملز جي ڊي جي ايم مختيار لغاري ٻاهران ڪرائي جا غنده گهرائي ملز جو پرامن ماحول خراب ڪرائڻ چاهي ٿو اسان قانوني رستو ورتو آهي ۽ احتجاج اسان جو جمهوري حق آهي

بقايا — سنڌيار — 02

نوناري فاروق احمد نوناري جيڪب آباد جي تعلقي ٺل ۾ ڌاڙيلن هٿان شهيد ٿيل حافظ معظم نوناري جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سيڪيورٽي ادارن ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي. معصوم عائشه جي والد حافظ معظم نوناري کي فوري طور تي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي جيستائين معظم نوناري جي قاتلن کي سزا نه ملندي. تيستائين چين سان نه ويهنداسين. آل پاڪستان نوناري وومين ايسوسي ايشن سوگوار جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي ۽ هر پليٽ فارم تي وارثن سان گڏ بيٺي آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ حافظ معظم نوناري نوناري کي قتل ڪيو ويو ۽ پوليس قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي، هن چيو ته قاتلن کي فوري طور گرفتار ڪري مقتول جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي. حافظ معظم نوناري جي شهادت نوناري برادري لاءِ وڏو سانحو آهي.

بقايا — سنڌيار — 03

5 وڳي ٿيو ۽ ست لڳي ويهن منٽن تي بجلي بحال ٿي جڏهن ته بريڪ ڊائون سبب 72 انچ قطر پي آر سي جي لائين نمبر ۾. ايم ايس جي لائين نمبر پنج سميت ٽئين فيز جو مينيو فولڊ متاثر ٿيا. ترجمان ٻڌايو ته متاثر ايم ايس لائين نمبر پنج جي مرمت جو ڪم رات هڪ لڳي ويهن منٽن تي مڪمل ڪيو ويو جڏهن ته متاثر پي آر سي لائين نمبر ۾ جي مرمت جو ڪم جاري آهي جيڪو ايندڙ 4 ڏينهن ۾ مڪمل ڪيو ويندو ۽ ٽئين فيز مينيو فولڊ جي مرمت جو ڪم ايندڙ 48 ڪلاڪن ۾ مڪمل ڪيو ويندو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته بجلي جي بريڪ ڊائون سبب ڪالي واٽر ڪارپوريشن جي سرڪاري هائيڊرنٽس تي به پاڻي جي کوٽ پيدا ٿي هئي انڪري شهرين کي گذارش آهي ته پاڻي احتياط سان استعمال ڪندي پاڻي ذخيرو ڪن ته جيئن ڪين ڪنهن پريشاني کي منهن ڏيڻو پوي.

بقايا — سنڌيار — 04

درگاهه جي گادي نشين پير فتح محمد شاهه جيلاني ڪيو جنهن بعد ديني جلسي جو انعقاد پڻ ڪيو ويو جنهن ۾ حافظ قران اصغر لغاري مولوي ابوبڪر مولوي عبدالعزيز لغاري ۽ امام بخش خليلي ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جو شان بيان ڪيو ۽ الله جي نيڪ ٻانهن ۽ ولين تي روشني وڌي آخر ۾ دعا بعد آيل سيني مريدن ۽ عقيدتمندن ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويو جنهن ۾ ب ب تعلقي ماتلي جي صدر گل محمد سريوال محمد صالح هاليپوٽو لغاري اتحاد سنڌ جي صدر محبوب خان سريوال انسپيڪٽر روشن لغاري سميت سوين مريدن ۽ عقيدتمندن شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار — 05

جو انتظام پڻ سخت هئا ميلو لڳائيندڙ ڪميٽي جا اڳواڻ سرپرست اعلي مرحوم احمد پٽيل صاحب جي فرزند فرحان احمد پٽيل سرسونيل صاحب سرائيل فيملي ۽ ٻيا اڳواڻ ۽ گادي نشين ديدارعلي شاهه خليفو شاهه خالداتاري شاهجهان شاهه صحافي قاصرچانڊيو ساجدشاهه موجود هئا جن لنگر خاني جو جائزو ورتو ۽ زائرين کي بهترين بندوبست سان لنگر ڪارايو ويو

بقايا — سنڌيار — 06

ورسي، سنڌس ڪتاب ''نڌڪا گهوڙا، غيباڻا سوار'' جي مهورت پروفيسر لياقت عزيز سولنگي يادگار ايوارڊ 2023ع'' تقريب پريس ڪلب ٽنڊي محمد خان ۾ ٿي گذري ۽ ''، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن کان اديبن، دانشورن، شاعرن، سگهڙن، آرٽسٽن، استادن، پروفيسرن، ليڪچرارن، ڊاڪٽرن، وڪيلن، صحافين، سماج سڌارڪن سميت هر مڪتبہ فڪر جي فردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. پروفيسر لياقت عزيز جي ڪتاب ''نڌڪا گهوڙا غيباڻا سوار'' جي رونمائي بعد تقريب کي ناميارو دانشور ۽ سماج سڌارڪ ذوالفقار هاليپوٽي خطاب ڪندي چيو ته پروفيسر لياقت عزيز سنڌ جو محسن ۽ اٽڪ ڪردار هو جنهنکي هر سال ياد ڪرڻ جي روايت تحسين لائق آهي. تاريخ ۾ تبديليون آڻيندڙ سياسي، سماجي، نظرياتي، فڪري، ادبي، علمي ترتيب پيدا ڪندڙ لياقت عزيز جهڙا فرد همعصرن ۽ هر عمرن لاءِ اتساهه جو سبب ۽ ايندڙ نسلن لاءِ تاريخي حوالن جهڙي حيثيت رکن ٿا. جديد دنيا دستاويزي ڪم کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي يقينن لياقت عزيز جو قلمي پورهيو ۽ اٽڪ ڪردار ان تناظر ۾ اهم جاءِ والارينو. پ ت الف جي اڳوڻي مرڪزي صدر قادر بخش طالباڻي چيو ته لياقت عزيز ظاهري شڪل، قد بت ۾ جيئن ڏسڻ ۾ ايندو هو، اهڙين نه هو مون چاليهه سال زندگيءَ جا ساٿس گڏ گذاريا، اسان هڪٻئي کي گهرو سڃاڻندا هئاسين. لياقت عزيز هاري جو پٽ هو پر هو ادارا جوڙيندڙ شخص هو بهترين منتظم ۽ مسلسل جاکوڙ جاري رکندڙ باهمت ڪردار هو هن سدائين عشق جو سفر ڪيو انڪري ڪڏهن به نه ٿڪيو هو بي ڊپو ۽ بهادر هو انڪري هن تڪليفون به گهٽيون ٿي سليون. ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻي خطاب ڪندي چيو ته لياقت عزيز سان پنجونجاهه سال وابستگي رهي، جيڪا سنڌس وڇوڙي تائين برقرار رهي، لياقت عزيز جي هٽ ۾ به نوڪرين جا آرڊر هئا، هڪ اسسٽنٽ ڪمشنر جو ۽ ٻيو ليڪچرار جو. هن اسسٽنٽ ڪمشنر بجاءِ ليڪچرار يعني استاد ٿيڻ کي ترجيح ڏني. لياقت عزيز اقتدار، پئسي ۽ ٻنگلن جي لالچ بجاءِ علم دوستي ۽ وطني دوستي جو رستو چونڊيو. جنهن تي آخر تائين بيٺو رهيو هن جنرل ضياءَ کان وٺي پرويز مشرف تائين سيني آمرن کي للڪاريو سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل يوسف سنڌي، پروفيسر يعقوب چانڊيو، زيب سنڌي، حسين سارنگ، خاڪي جاني، پروفيسر انور منصور مگريو، بينظير جوڻيجو، ذوالفقار قادري، ڊاڪٽر قادر بخش مگسي، مشڪور ڦلڪارو، اعظم پٽي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، اعجاز علي جسڪاڻي، ناصر بلوچ، مور ساگر، لالا فاروق پٺاڻ، آغاجان آغا، رفيق آس لغاري ۽ ٻين پڻ تقريب کي خطاب ڪيو. تقريب ۾ بهترين شاعر: عاشق علي ڳاهو، بهترين استاد: عارف قريشي ۽ بهترين سماجي ورڪر: عبدالحفيظ سليو کي پرفيسر لياقت عزيز سولنگي يادگارد ايوارڊ 2023ع سان نوازيو ويو جڏهن ته ان موقعي تي نندڙين ٿائيه عزيز پليجو ۽ سگڻ عزيز پليجو، شاهه لطيف جا بيت تحت اللفظ ۾ پڙهي داد حاصل ڪيو ۽ راڳي جان محمد لغاري خوبصورت ڪلام جهونگاري محفل کي رونق بخشي.

بقايا — سنڌيار — 07

اڳواڻ محبوب ڪلهوڙو عبدالحفيظ پلل ـ راجا خاصخيلي فرحان علي لاشاري ـ عبدالرشيد لاشاري ارشد محمود ماجد ـ عبدالرحمان راجپوت ـ نعمان احمد ارائين ـ عبدالسميع خاصخيلي غلام مصطفيٰ خاصخيلي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي اڳواڻن چيو ته شهيد جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪرڻ سان آئين لڳي ٿو ڄڻ سنڌ حڪومت ۽ پوليس جي ڪا به رٽ ناهي رهي چوته نگران حڪومت جي وزيرن ۽ آئي جي پوليس سميت ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر خاطريون ڪرايون ته مک قاتل کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻينداسين پر انهن جي واعدن باوجود ڪوجوڳو عمل نه ٿيو آهي جنهن ڪري ڏينهون ڏينهن صحافين ۽ سول سوسائٽي سميت وارثن جي بي چيني ۾ اضافو ٿي رهيو آهي 49 ڏينهن گذري وڃڻ ۽ نامي نيٽ ٿيل قاتل نه پڪڙڻ ڪائيندڙ ۽ اذيت ڏيندڙ عمل آهي جيستائين قاتل گرفتار نه ڪيا ويندا احتجاج جاري رهندو

بقايا — سنڌيار — 08

اندر جوابدار گرفتار ڪرڻ جي خاطري بعد احتجاج ختم ڪرايو خبرموجب ڪراچي عبدالله شاهه غازي گوٺ اي بلاڪ ۾ هڪ مهينو اڳ پنهنجي گهر پرسان ويٺل شبير بليدي کي نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو هو جڏهن ته هڪ مهينو گذرڻ باوجود سچل ٿاڻي جي جاچ پوليس جوابدارن جو پتو لڳائي انهن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي پوليس جي اهڙي سست جاچ ۽ جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ مقتول جي وارثن ۽ مختلف سياسي سماجي ماڻهن پاران عبدالله شاهه غازي گوٺ اي بلاڪ ۾ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري هڙتال ۽ بُکر هڙتال ڪئي احتجاجي مظاهرو ڪري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي مقتول جي ڀاءُ ملڪ حسين بليدي سنڌ عوامي سٿ جو اڳواڻ رياض ڪيميتو سنڌ سڀا جي حسين ڏاهري ايس ٽي پي جي مدثر سرڪي ايس اين پي اڳواڻ رمضان بليدي ۽ بليدي اتحاد جي اڳواڻ محمد حسن بليدي ۽ ٻين چيو ته هڪ سازش تحت ڪراچي ۾ سنڌين کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو سنڌي ماڻهن جي قتل ته پوليس اڪثر طور تي غيرذميواري جو مظاهرو ڪري هميشه سست رويو اختيار ڪندي رهي ٿي ۽ اڪثر طور تي قاتلن کي گرفتار نٿو ڪيو وڃي هنن چيو ته شبير بليدي کي هڪ مهينو اڳ عبدالله شاهه غازي گوٺ ۾ پنهنجي گهر جي پرسان هٿياربندن فائرنگ ڪري بيدرديءَ سان قتل ڪيو هو مگر سچل ٿاڻي جي جاچ پوليس هن وقت تائين قاتلن جو پتو لڳائي انهن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي پوليس قتل ڪيس ۾ مڪمل طور تي خاموشي اختيار ڪري ورتي آهي هنن سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کان مطالبو ڪندي چيو ته مقتول شبير بليدي جي قتل جو نوٽيس ورتو وڃي ۽ قاتلن کي جلد گرفتار ڪري وارثن سان انصاف ڪيو وڃي هوڏانهن مقتول شبير بليدي جي قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ غازي گوٺ اي بلاڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي سچل ٿاڻي جي گيٽ اڳيان ڌرڻو هڻڻ واري اعلان بعد ڊي ايس پي سچل گوٺ ايس ايڇ او سچل نور احمد شيخ ۽ جاچ آفيسر احتجاج واري هنڌ پهچي ڪري مظاهرين سان ڳالهيون هڪ هفتي اندر شبير بليدي جا قاتل گرفتار ڪرڻ جي يقين ڏيارڻ بعد احتجاج ختم ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين چيو ته هڪ هفتي اندر جيڪڏهن پوليس قاتل جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ته پوءِ سخت احتجاج ڪري سچل ٿاڻي اڳيان يا ايس ايس پي ايسٽ جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 09

تي هلڻ گهرجي سهڻي لطيف جي شاعريءَ جي لفظ لفظ ۾ اسان لاءِ راحت جو سبق آهي اسان کي ان جي شاعريءَ سان گهڻو ڪجهه حاصل ڪرڻو پوندو اهڙو اظهار بلوچستان کان آيل وفد صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي لائڊي شريف بلوچستان کان واجد علي سولنگي فقير دلمراد سولنگي رئيس بگن خان سولنگي سنڌ جي مشهور روحاني صوفي ۽ بزرگ شاعرن جي بيتاج بادشاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي ملڪ ۽ قوم جي ترقي امن امان لاءِ خصوصي دعائون گهريون جڏهن ته ٽيڪ مرد رئيس امان الله ڏاهري پاران سندن مان ۾ اجيائو ڏنو ويو

بقايا — سنڌيار — 10

ڪان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ، جتي ريلي ۾ سپاف ضلعي صدر آغا جلال خان پٺاڻ، اعجاز سيٺار، فيصل پنو نعمان پٺاڻ ۽ ٻين جو چوڻ هو ته ملڪ ۾ مهانگائي عوام جي چيل چٻي ڪري ڇڏي آهي، جنهن ڪري ماڻهو ماني ڪاڻ لاءِ سخت پريشان آهن، هنن چيو ته نگران سرڪار ۾ بدامني چوٽ چڙهيل آهي، عوام گهرن ۾ محفوظ ناهي روزاني بنيادن تي ماڻهن ڪان ڦرون، ڌاڙا وڌي ويا آهن ، سپاف اڳواڻن چيو ته اسان جو مطالبو آهي ته ملڪ ۾ وقت سر اليڪشن ڪرائي وڃي اليڪشن ٿيڻ تائين ته وقت سر مهانگائي تي ڪنٽرول ايندو هنن نگران سرڪار کان مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن اسان جا مطالبا نه مڃيا ويا ته مجبورن احتجاجن سلسلو جاري رکنداسين

بقايا — سنڌيار — 11

، اجلاس ۾ جي يو آءِ پاران 22 آڪٽوبر تي ٿيندڙ مهانگائي ۽ امن مارچ جي تيارين ۽ ڪاميابي تي غور ويچار ڪيو ويو عبدالحميد مهر ۽ ٻين ڪارڪنن تي زور ڏنو ويو ته هو امام ۽ انبياءَ عليهم السلام جي سيرت جي روشني ۾ امن مارچ کي منظم ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن پنهنجي حقن لاءِ هر پليٽ فارم تي آواز اٿاريو، جي يو آءِ جو 22 آڪٽوبر جو مهانگائي ۽ امن مارچ نه رڳو سنڌ ۾ ملڪ جي تاريخ ۾ هڪ نئون باب رقم ڪندو، جنهن ۾ ڪارڪنن جي وڏي تعداد شرڪت ڪندو اجلاس جي پڄاڻي تي ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي سميت امن مارچ جي ڪاميابي لاءِ دعا گهري وئي.

بقايا — سنڌيار — 12

ڪئي وئي جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ نعت خواني، تقرير ۽ ڪوئيز مقابلو ٿيو ان موقعي تي پهريون ٻيو ۽ ٽيون نمبر حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي هيڊ ماستر استاد عرفان سهتو، ايف اي استاد حيدر علي عمراڻي انعام تقسيم ڪيا عيد الميلاد النبي جي تقريب کي خطاب ڪندي اسڪول جي هيڊ ماستر استاد عرفان سهتو، فرسٽ اسسٽنٽ استاد حيدر علي عمراڻي خطاب ڪندي چيو ته پاڻ سڳورا ڪائنات تي رحمت العالمين بڻجي آيا سنڌ شفقت ۽ پاڃ ۾ پنهنجائپ جو احساس سمايل هيو جنهن ڪري انسان ته ڇا پر پکي پکڻ به احترام ۽ عزت ڪندا هئا. پر ڪين انسان ذات جي خاص هدايت لاءِ موڪليو ويو جنهن ڪري پاڻ ڪريمن جي احڪامات تي عمل ڪرڻ سان انسان گمراهي کان نجات حاصل ڪري ٿو جنهن ڪري اسان سڀني کي سندن ڏسيل واٽ تي هلڻ گهرجي ان ۾ هن دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجي ڀالشهار اڳيا سرخرو ٿينداسين تقريب ۾ استاد عبدالحميد جاموٽ، استاد علي احمد سهتو، استاد مير حسن پنهور ، استاد غلام تڪي سوهڙو، استاد شوڪت وسان، استاد شهزاد گل پنهور سميت شاگردن والدين ۽ استادن شرڪت ڪئي آخر ۾ ميلاد شريف جو لنگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا — سنڌيار — 13

گرفتاري ۽ منشيات برآمد ڪرڻ تي ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي ، ريلي ۾ شامل اڳواڻن چيو ته علائقي جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ايس ايس پي منشيات جي خاتمي لاءِ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي اهو وڏو اعزاز آهي ، منشيات نوجوان نسل لاءِ اهڙو زهر آهي جيڪو نسلن کي تباهه ڪري سگهي ٿو جنهن ۾ هاڻي علائقي مان منشيات جو خاتمو اچي رهيو آهي جيڪو علائقي جي نوجوانن لاءِ بهترين عمل آهي جنهن جي ڪري اسان ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا .

بقايا — سنڌيار — 14

ملي حدبندي ڪرڻ ۽ واپارين کي ڏنل نوٽس جي خلاف ورزي ڪندي حدخليون نه هٽائڻ خلاف اڄ اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو پاران پنهنجي عملو ۽ پوليس اڻالا سان ڪري هيوي مشينري سان گڏ مڪلي سوسائٽي غلام الله روڊ تي دوڪانن ۽ شاپنگ مالز اڳيان ڪيل قبضا هٽائڻ لاءِ دبئي شاپنگ مال اڳيان ڪيل قبضو ٽوڙائي ڇڏيو انهي دوران واپارين ۽ قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ ايندڙ اسسٽنٽ ڪمشنر وچ ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ ۽ تيزي ڪانپوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو واپس هليو ويو ياد رهي ته ڪجهه وقت اڳ ٺٽي جي هڪ ناميارو وڪيل ۽ ٺٽو ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ منصور احمد ترڪ پاران قبضن خلاف ٺٽي جي عدالت ۾ هڪ پٽيشن داخل ڪرائي وئي هئي واپارين جي چوڻ مطابق اها پٽيشن واپس وٺي چڪي هئي ۽ واپارين مطابق پٽيشن جي واپسي تي عدالت سڳوري پاران 23 تاريخ ڪيل آرڊر جي ڪاپي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو سان ملاقات ڪري ڪيس پيش ڪئي وئي هئي جنهن ڪانپوءِ اي . سي ٺٽو ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو کي مس گائيڊ ڪندي قبضا هٽائڻ لاءِ پهچي ويو جيڪو هڪ غير قانوني عمل آهي جنهن خلاف عدالت سڳوري سان رابطو ڪيو ويندو جڏهن ته ٻئي طرف اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو جو چوڻ هيو ته ڪورٽ ۾ هلندڙ پٽيشن دوران مون عدالت سڳوري اڳيان عرض ڪيو هو ته دوڪانن اڳيان غيرقانوني قبضا ٿيل آهن جنهن تي عدالت سڳوري واپس ڪيل پٽيشن ۾ عدالت ڪيس اجازت ڏني هئي ته غيرقانوني عمل تي ترهان ڪاروائي ڪري سگهون ٿا جنهن ڪانپوءِ قبضا هٽائڻ وارو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سان صلاح مشوري ڪانپوءِ ٻيهر شروع ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 15

مختيار حسين شاهه جيلاني سيد مست منير شاهه قاضي احمد ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمين فقير جام چنگيز خان انڙ جام شارخ خان انڙ سابقا ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ۽ مريدن سان گڏ سيد سرڪار پير ڪامل شاهه جيلاني جي مزار تي چادر چاڙهي دعائون گهريون ويون بعد ۾ سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪندڙ آيل مهمانن کي اجرڪن ۽ گلن جا هار پارايا ويا بعد ۾ صوفي موسيقي پروگرام شروع ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي مشهور فنڪار غلام حسين عمراڻي ممتاز مولائي ۽ ٻين صوفي فنڪارن صوفي ڪلام ڳائي ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو آخر ۾ ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون

بقايا — سنڌيار — 16

ٽائون جي يوسي 8 (پي اي سي ايڇ ايس) جي ڪشمير روڊ، علامه اقبال روڊ، خالد بن وليد روڊ، سرسيد روڊ، طارق روڊ ۽ نور گرائونڊ ۽ شهر جي مختلف علائقن مان ڪچرو ڪٺي ان مان ڪم وارو مواد ڪڍي باقي ڪچرو نالن ۾ ڦٽو ڪندا آهن جنهن جي نيڪال نالا بند ٿي ويندا آهن. نگران وڏي وزير کي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته غير قانوني ڪچرو چلائڻ واري هنڌ ڪان صفورا ورڪشاپ تائين الڳ الڳ مواد جي چرپر لاءِ افغانين ٽيم جوڙي هئي. ڪچرو ڪندڙ افغانين نه رڳو سموري علائقي ۽ گندگي پکيڙيندا آهن بلڪ نالا پڻ بند ڪري ڇڏيندا آهن. نگران وڏي وزير هدايتون ڏيندي چيو ته غيرقانوني طور تي ڪچرو ڪري شهر ۾ گدلان پکيڙيندڙ ماڻهن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي. جسٽس (ر) مقبول باقر چيو ته شهري ماحول خراب ڪندڙ ماڻهن خلاف ڀرپور ڪاروائي ڪئي وڃي. نگران وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته پوليس افغانين جي ٽيم جو سامان قبضي ۾ ورتو آهي ۽ سندن غيرقانوني ڪچري جي ڊمپنگ پوائنٽ کي پڻ بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ افغانين خلاف فيروز آباد ٿاڻي ۾ ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي. ڪچري جي غيرقانوني چرپر خلاف آپريشن جي نگراني سنڌ سولڊ ويسٽ مينيجمنٽ بورڊ جي ايم ڊي امتياز شاهه ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 17

ذريعن جو چوڻ آهي ته: شهر اسلام ڪوٽ، مٺي، ڇاڇرو، ننگرپارڪر سميت سموري ضلعي ۾ منشيات فروشي جو ڪاروبار عروج تي آهي. نئي ايس ايس پي جي مقرري کان پوءِ ڪجهه عرصو گجهيون هلندڙ نشي وارين پڙين سفينا، آداب، رائل ڪنگ بنگ هاٿ ٿرپارڪر جي هر گلي محلي ٽوڙي شهرن ۾ پوليس اهلڪارن جي سرپرستي هيٺ سرعام وڪرو ٿي رهيون آهن. نشي آور پڙين جو مين ڊيلر سلطان ڏرماڻي هيڊڪوارٽر شهر مٺي ۾ جڏهن ته ٻيا تندا 4 ڊيلر ٿرپارڪر جي 4 مک شهرن ۾ مقرر ڪيا ويا آهن. سموري ضلعي ۾ روزاني جي بنياد تي 50 لک کان 70 لک روپين جي ماليت تائين وڪرو ٿيندڙ نشي آور پڙين خلاف پوليس هن وقت تائين ڪا ڪاروائي عمل ۾ ناهي آندي. باخبر ذريعن موجب مهينو اڳ لکين روپين جي ڊيل عيوض پوليس منشيات هلائڻ جو ٺيڪو مٺي جي هڪ بدنام زمانه منشيات فروش حوالي ڪيو آهي. جيڪو شهرن ڳوٺن سميت ٿرپارڪر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ روزانو نشي آور پڙيون پنهنجن ڊيلرن ٿرو پهچائي رهيو آهي. انهي حوالي سان ٿرجي سماجي وند ماڻهن آئي جي سنڌ ڪان مطالبو ڪندي چيو آهي ته منشيات جي وڪري ۾ ملوث پوليس ڊپارٽمينٽ جي آفيسرن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪري منشيات فروشن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي ۽ ٿرجهڙي پرامن خطي کي منشيات کان پاڪ بڻايو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 18

مظاهرو لاڳاپيل اختيارن ڪان نوٽيس وٺي سنڌس خلاف ڪاروائي جي گهر خبرموجب ڪراچي انڊس ٽائون جي يونين صدر پاران فلاحي ڪمن لاءِ رکيل پلاٽ وڪرو ڪرڻ خلاف رهواسين طرفان انڊس ٽائون جي صدر خلاف هڙتال ۽ بئنر ڪئي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن لياقت چانڊيو شاهد عباسي علي دوست جاويد علي ۽ ٻين چيو ته علي غلام پنهور انڊس ٽائون جو پنهنجو پاڻ کي يونين جو صدر سڏرائي ڏاڍ جي زور تي فلاحي ڪمن لاءِ 120 گز جا رکيل 60 پلاٽن مان اڪثر ڪري پلاٽ پئسن تي وڪرو ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته هاڻي اسڪول لاءِ رکيل وڏي ايراضي وارو پلاٽ به وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جنهن کي منع ڪرڻ تان هو اسان مٿان مچرجي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هنن چيو ته پنهنجو پاڻ کي گذريل ڪافي وقت کان انڊس ٽائون يونين جو صدر سڏرائيندڙ انڊس ٽائون جي فلاحي ڪمن لاءِ رکيل پلاٽ وڪرو ڪندڙ علي غلام پنهور خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪري انڊس ٽائون جو اسڪول لاءِ رکيل پلاٽ ڪٻائڻ کان بچايو وڃي

بقايا — سنڌيار — 19

ي ڪيس دل جي گهرائين سان مبارڪون پيش ڪندي چيو ته الله پاڪ سائين جي عزت وقار حوصلن ۾ واڌارو فرمائي ۽ ڪيس هر ميدان ۽ هر امتحان ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني نصيب فرمائي ايڊووڪيٽ قربان علي هالو وڌيڪ چيو ته سائين جميل شاهه جي سپريم ڪورٽ جو وڪيل ٿيڻ تي ٺٽو ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي نوجوان وڪيلن ۾ وڌيڪ اتساهه پيدا ٿيندو ته جيئن نوجوان وڪيل پنهنجي وڪالت پرجوش ۽ پروفيشنل انداز ۾ ڪندي اڳتي وڌڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن

بقايا — سنڌيار — 20

الله عليه واله وسلم جي سلسلي ۾ ڀٽائي هاءِ اسڪول ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، تقريب جو آغاز قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪيو ويو، جنهن بعد مانيٽرنگ ايڊمنسٽريٽر اسسٽنٽ پروفيسر انجنيئر عبدالقادر چانڊيو جي زيري نگراني ۾ جشن عيدميلادالنبي جي تقريب جو آغاز ڪيو ويو. تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگرديانين پياري آقا نبي ڪريم صلي الله عليه واله وسلم جي شان ۾ بيان پيش ڪيا ۽ نعت پڻ پڙهيا تقريب ۾ مهمان خاص بابو عبدالرحمن چانڊيو، فيض چانڊيو، وڪيل عبدالرئوف چانڊيو، مولانا عبدالاحد چانڊيو هئا، ڀٽائي اسڪول جي انتظاميه پاران اعلان ڪيو ويو ته هر سال کي اين شاهه مان 5 شاگردن جي چونڊ ڪري انهن کي پهرين ڪان ڏهين ڪلاس تائين مفت تعليم ڏني ويندي ۽ غريب مسڪين ۽ يتيم ٻارن جي لاءِ خاص رعايت ڪري انهن کي ڀٽائي اسڪول ۾ داخلا ڏني ويندي، ڀٽائي اسڪول جي استادن آيل مهمانن کي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا. تقريب ۾ استادن، شاگردن ۽ شاگرديانين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 21

قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي ايس يو جي صدر امداد بوزدار، جاويد جتوئي شهزاد تاباڻي سيد احتر رضوي ، خالد ٻانيڻ ۽ محمد انس گهانگهرو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي بک هڙتال ڪئي وئي احتجاج ۾ شامل سينيئر صحافين، شوڪت راهي، آصف لوڌي، جلال الدين پيو، عمر سومرو ، سحرش کوکر سليم سهتو، سيد جواد شاهه ،جهانزيب وسير، محمد رضوان صديقي ،فاروق سومرو، شفيع ابڙو، ڪاشف قلپوترو، خالد امجد ، انس ملڪ، عقيل قريشي، ابراهيم سومراڻي، نعيم غوري، صلاح الدين سميجو، سجاد سنجراڻي، اصغر عباسي، نادر علي، اسلم دايو، روهڙي جي صحافي اڳواڻ جمشيد قريشي ۽ ٻين شرڪت ڪئي جڏهن ته صحافين سان يڪجهتي طور مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن مسلم لگ نواز سنڌ جو نائب صدر علي شير مهر سماجي اڳواڻ ستار زنگيجو ايس يو پي عيدن جاگيراڻي، ماجد ڏنور، ديدار چانڊيو، سني تحريڪ جي محبوب سهتو، ڪميونسٽ پارٽي اڳواڻ مالڪ ڪوسو، ياسمين ميراڻي، حڪيم زنگيجو ۽ ٻيا شريڪ هئا ان موقعي اڳواڻن چيو ته شهيد جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪرڻ مان آئين لڳي ٿو ڄڻ سنڌ حڪومت ۽ پوليس جي ڪا به رٽ ناهي رهي چوته نگران حڪومت جي وزيرن ۽ آئي جي پوليس سميت ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر خاطريون ڪرايون ته مک قاتل کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻينداسين پر انهن جي واعدن باوجود ڪو جوڳو عمل نه ٿيو آهي جنهن ڪري ڏينهون ڏينهن صحافين ۽ سول سوسائٽي سميت وارثن جي بي چيني ۾ اضافو ٿي رهيو آهي 49 ڏينهن گذري وڃڻ ۽ نامي نيٽ ٿيل قاتل نه پڪڙڻ ڪائيندڙ ۽ اذيت ڏيندڙ عمل آهي جيستائين قاتل گرفتار نه ڪيا ويندا احتجاج جاري رهندو

بقايا — سنڌيار — 22

آپريشن جاري آهي آپريشن ۾ ڪشمور ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس آپريشن ۾ حصو وٺي رهي آهي ڪنڊڪوٽ ڪنهن به ڏوهاري ڪنهن به صورت ۾ معاف نه ڪيو ويندو ان کي پنهنجي ڪيفي ڪردار تائين ضرور پهچايو ويندو ڪچي واري علائقي ۾ ڏوهارين جا قائم ٿيل سيني ٽاڪن کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو آهي ڌاڙيلن جا ٽاڪ ڊاهي پوليس پڪٽون قائم ڪيون ويون آهن ڪچي وارو علائقي مان ڏوهارين جو خاتمو ڪري ڪنڊڪوٽ ڪشمور جي عوام لاءِ تفريح گاهه بڻايو ويندو عوام جو پوليس مٿان اعتماد آهي هاڻي شهري به غير محفوظ نه سمجهن رات جو 12 وڳي ٻي خوف سفر ڪري سگهن ٿا ڪچي ۾ داخل ٿيندڙ ۽ خارجي راستن تي پوليس پڪٽون قائم ڪيون ويون آهي امن امان جي صورتحال ڪافي بهتر آهي ۽ وڌيڪ بهتر بڻايو ويندو ڪنڊڪوٽ ڪشمور ڪنڊڪوٽ جي عوام کي پوليس جو مڪمل ساٿ ڏيڻ گهرجي جيئن امن امان برقرار رکي سگهجي ۽ ڏوهارين کي پنهنجي ڪيفي ڪردار تائين پهچائي سگهون ايس ايس پي ڪشمور ڪنڊڪوٽ روحل احمد کوسو ٻئي پاسي ڪنڊڪوٽ شهر واسين ايس ايس پي روحل احمد کوسو ۽ سنڌس ٽيم جي ڪيل محنت کي پڻ ساراهندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان ڪنڊڪوٽ شهر واسين ايس ايس پ روحل احمد کوسو جي مقرري بعد سک جو ساهه کيون آهي هاڻي اسان بنا ڪنهن خوف رات هجي يا ڏينهن سفر ڪري رهيا آهيون ڪنڊڪوٽ شهرين جون ميڊيا سان ڳالهيون

بقايا — سنڌيار — 23

گرفتاري کان اڳ عدالت مان ضمانت حاصل ڪري ورتي، سيٽلائيٽ ٽائون ۾ جيسڪو ٽيم تي جاري آپريشن دوران 25 جوابدارن خلاف گذريل ڏينهن سيٽلائيٽ ٽائون ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ 20 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. مارجي ويلن ۾ 2 عورتون شامل آهن ۽ 5 ڄڻن جي سڃاڻپ ٿي آهي، جن ۾ عاصم خان آفريدي عرف اجي پائي، حامد خان، محمد رفيق، ظفرحسن، فقير محمد، الله بخش، غلام سڪينه، عاصمه، عبدالرشيد، محمد نظام ، بابوقريشي شامل آهن. ايف آءِ آر ۾ اشرف، امير الدين، اشرف، نعمان، عبدالستار، رياض احمد ۽ مختار علي شامل آهن. جڏهن ته 5 حملي آورن جي سڃاڻپ ٿي آهي، جڏهن ته هڪ ٻيو ڪيس 20 نامزد ۽ 7 نامعلوم حملي آورن خلاف داخل ڪيو ويو آهي ، محمد پناهه، مقصود، عبدالمجيد، مقصود احمد، نبي بخش، ظهير عباس، طارق، عبدالمجيد، حميد، محمد اسلم، زاهد علي، محمد عرفان، رضوان، عبدالحميد، ارشد، شميم احمد ۽ غلام محمد شامل آهن. جڏهن ته 7 ڄڻا شامل آهن. ايف آءِ آر ۾ جوابدارن کي اڃاتل قرار ڏنو ويو آهي، جوابدارن خلاف حملا ڪرڻ، ڌمڪيون ڏيڻ، يرغمال بڻائڻ، هوائي فائرنگ ڪرڻ ۽ خطرناڪ نتيجن جون ڌمڪيون ڏيڻ جا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ ايڊووڪيٽ عاصمه، محمد اشرف، محمد رفيق ۽ انتظار حسين عدالت ۾ پيش ٿيا. فرسٽ ايڊيشنل اينڊ سيشن جج جي عدالت مان هڪ لک روپين عيوض گرفتاري جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي

بقايا — سنڌيار — 24

جي جنرل مينيجر فرحان انصاري چيو آهي ته ٿر فائونڊيشن علائقي جي ماڻهن جي صحت جو اونو رکي ٿي، ڪين اڳ ۾ ئي مفت صحت جون سهولتون فراهم ڪري رهيا آهيون، هاڻي به غريب مستحق ماڻهن لاءِ ڪيمپ لڳائي آهي جيڪا علائقن واسين لاءِ لاپائتي ثابت ٿي آهي. اکين جي ماهر ڊاڪٽرن جي چڪاس ۽ علاج ذريعي ماڻهن کي فائدو ٿي رهيو آهي. اکين جي ڪيمپ بابت سماجي اڳواڻ ماما وشن ٿري چيو ته ٿر فائونڊيشن طرفان جيڪا ڪيمپ لڳائي وئي آهي اتي بهترين علاج ٿي رهيو آهي ۽ هتي بهترين قسم جا لينس لڳايا پيا وڃن، جيڪي انتهائي ڪارائتا آهن. انهي موقعي تي ٿر فائونڊيشن جي هيلٿ آفيسر فياض شيخ چيو ته آپريشن وارن مريضن جو خيال رکيو پيو وڃي، ڪجهه مريضن کي ٽرانسپورٽ جي سهولت پڻ فراهم ڪئي وئي آهي، ڪيمپ تي مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين ڪيمپ جو دورو ڪيو ۽ ٿرفائونڊيشن جي ڪوشش جي ساراهيو ٿر فائونڊيشن ۽ البصير ڪراچي طرفان ٽن ڏينهن واري اکين جي مفت ميڊيڪل ڪيمپ جاري، ڪيمپ تي 1150 مريضن جي چڪاس ڪئي وئي، 109 مريضن جا آپريشن ڪيا ويا ۽ ضرورتمندن کي مفت نظر جا چشما ۽ دوائون ڏنيون ويون ٿر فائونڊيشن ۽ البصير ڪراچي طرفان ٽن ڏهاڙن واري اکين جي مفت چڪاس ۽ مفت آپريشن لاءِ ڪيمپ جاري رهي آهي، جتي ٿرپارڪر جي مختلف علائقن مان 1150 مرد، عورتون ۽ ٻار چڪاس لاءِ پهتا جن جي چڪاس بعد ڪين ضروري دوائون ۽ نظر جا چشما ڏنا ويا، ڪيمپ ۾ 104 مريضن جا مفت آپريشن پڻ ڪيا ويا. ٿر فائونڊيشن جي جنرل مينيجر فرحان انصاري چيو آهي ته ٿر فائونڊيشن علائقي جي ماڻهن جي صحت جو اونو رکي ٿي، ڪين اڳ ۾ ئي مفت صحت جون سهولتون فراهم ڪري رهيا آهيون، هاڻي به غريب مستحق ماڻهن لاءِ ڪيمپ لڳائي آهي جيڪا علائقن واسين لاءِ لاپائتي ثابت ٿي آهي. اکين جي ماهر ڊاڪٽرن جي چڪاس ۽ علاج ذريعي ماڻهن کي فائدو ٿي رهيو آهي. اکين جي ڪيمپ بابت سماجي اڳواڻ ماما وشن ٿري چيو ته ٿر فائونڊيشن طرفان جيڪا ڪيمپ لڳائي وئي آهي اتي بهترين علاج ٿي رهيو آهي ۽ هتي بهترين قسم جا لينس لڳايا پيا وڃن، جيڪي انتهائي ڪارائتا آهن. انهي موقعي تي ٿر فائونڊيشن جي هيلٿ آفيسر فياض شيخ چيو ته آپريشن وارن مريضن جو خيال رکيو پيو وڃي، ڪجهه مريضن کي ٽرانسپورٽ جي سهولت پڻ فراهم ڪئي وئي آهي، ڪيمپ تي مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين ڪيمپ جو دورو ڪيو ۽ ٿرفائونڊيشن جي ڪوشش جي ساراهيو

بقايا — سنڌيار — 25

تي سکر جي ضلعي صدر آغا جاويد احمد چيو ته اهڙين ميچن مان نه رڳو رانديگرن جي ڪارڪردگيءَ سامهون اچي ٿي، پر ان سان رانديگر نوجوانن جي حوصلا افزائي به ٿئي ٿي

بقايا — سنڌيار — 26

هٽي جنهن جي رهيل ديوز جا پئسا هڪ لک پنجانوي هزار روپيا پڻ جمع ڪرايا هئا مگر ڪي ڊي اي جي پارڪس عملدارن ڪلارڪن صدام منگي ۽ سمير ٻين عملدارن سان ملي پڳٽ ڪري ٻاڻر ڪريم بخش ابڙو کان رشوت وٺي ان کي جعلي فائيل ناهي ڏنو آهي جنهن جي سچل ٿاڻي جي پوليس پڻ ونگاروبڻيل آهي ۽ جيڪا ڪافي پيرا منهنجي نرسري تي چڙهائي ڪري مزدورن کي گرفتار ڪري رشوت وٺڻ بعد انهن کي آزاد ڪري رهي آهي هن چيو ته مان هڪ پورهيت مسڪين ماڻهو آهيان حلال جي روزي ڪري رهيو آهيان مگر ڪي ڊي اي جي ڪرپٽ مافيا ۽ ٻاڻر ڪان منهنجي حلال جي ڏيندڙ روزي هضم ڪرڻ چاهي رهيا آهن هن چيو ته جيڪڏهن ڪو به نقصان ٿيو ته ان جو ذميوار ٻاڻر ڪريم بخش ابڙو ۽ ڪي ڊي اي جا ڪرپٽ ڪلارڪ صدام منگي سمير هوندا هن سنڌ جي نگران وڏي وزير مڪاني ادارن جي صوبائي وزير ۽ ڪمشنر ڪراچي کان نوٽيس وٺي انصاف ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا — سنڌيار — 27

محفل منعقد ڪئي وئي، پير نور الله قريشي، پير محمد صالح قريشي آيل مهمانن جي آجيان ڪئي، ميلاد جي محفل ۾ مفتي محمد داڻود جت، اياز احمد سومرو، مولانا غلام علي نعيمي، مولانا حبيب الله جت نعيمي، حافظ محمد يونس ابڙو، حافظ محبت علي جامي، علامه احسان علي منڊرو، محمد علي نعيمي، ريحان احمد شيخ، حسين ميمڻ، قاري حسين بلالي، مولانا هارون ۽ ٻين علماءِ اڪرامن سيرت نبي ﷺ تي روشني وڌي، سنڌس چوڻ هو ته نبي ڪريم ﷺ جن انسان ذات لاءِ رحمت العالمين بڻجي آيا، سندن آمد جو ڏهاڙو هر سال وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائيندا آهيون، آقا جي آمد جي خوشي ۾ سڀ هتي گڏ ٿيا آهيون، حضور ڪريم ﷺ جن جي تعليمات عالم انسانيت لاءِ مشعل راهه آهي، ان موقعي تي رحمت عالم نعت ڪائونسل ضلع بدين جي نعت خوانن عقيدت جا گل پيش ڪيا، عيد ميلاد النبي ﷺ جي محفل ۾ بدين ۽ پرپاسي جي ماڻهن، جماعت لواري شريف جي مريدن ۽ عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، آخر ۾ ملڪ، قوم ۽ پاڪ فوج لاءِ دعائون گهريون ويون، جڏهن ته ميلاد جو لنگر پڻ سچو ڏينهن جاري رهيو

بقايا — سنڌيار — 28

۾ ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي احڪامات تي پوليس وڏن ٿاڻن سان گوٺ ڪمال رشيداڻي سان گڏ مختلف علائقن تي آپريشن دوران وڏي تعداد ۾ اهلڪارن سان چڙهائيون ڪري وڏي مقدار ۾ ڪچو شراب هزارين ليٽر تيار ٿيل ڪچي شراب سميت ڊرم مٽڪا برآمد ڪري 5 منشيات فروشن خلاف الڳ الڳ ڪيس داخل ڪري ورتا آهن ، ٽنڊو محمد خان سٽي ٿاڻي تي ڊي ايس پي محمد خان زئور ، 15 جي انچارج راجا شاهه ، ايس ايڇ او سٽي شوڪت علي ملوڪاڻي پريس ڪانفرنس ڪندي دعويٰ ڪئي آهي ته لاڪات پرسان گوٺ ڪمال رشيداڻي سميت ٻين علائقن مان پوليس منشيات خلاف الڳ الڳ 5 چڙهائيون ڪري هزارين ليٽر ڪچو شراب ۽ ڪچي شراب ناهڻ جو وڏي مقدار سامان ڊرم ، مٽڪا برآمد ڪري 5 جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري ورتي آهي منشيات جي خاتمي تائين آپريشن کي جاري رکڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا — سنڌيار — 29

جي ميٽرنٽي وارڊ جي سامهون گٽر مان 7 مهينن جي ٻارڙي جو لاش هٿ اچڻ ڪيترائي سوال اٿاريا آهن ضلعي انتظاميا ميرپورخاص کي نوٽيس وٺي معاملي جي جاچ ڪرائي رهي.

بقايا — سنڌيار — 30

جي صدر مظفر رند ، ٽنڊو محمد خان يونين آف جرنلسٽ يونٽ ايچ يو جي جي صدر غلام قادر شورو ، مظفر علي بروهي، منير بروهي ، محمد انصار ، زاهد قريشي ، ساحل اياز ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال ڪئي وئي ، اڳواڻن چيو ته شهيد جان محمد مهر سنڌ جو اڏول بهادر صحافي هو جنهن کي ملڪ جي آزادي واري ڏهاڙي واري رات سکر ۾ بيدردي سان قتل ڪري سنڌ جي صحافين کي روڊن رستن تي احتجاج ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو ، نگران سرڪار سچي سنڌ جي احتجاج ڪانپوءِ ڪراچي جي ڌرڻي ۾ نگران صوبائي گهرو وزير سڪٽا دلاسا ڏيئي قاتلن کي اڄان تائين گرفتار ڪرائڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيو آهي هاڻي سرڪار جي ڪوڙن دلاسن بجاءِ قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو.

بقايا — سنڌيار — 31

نظاماڻي ۾ هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جو دورو ڪري خدا ڏينو ويسرو ۽ ٻين ڳوٺاڻن کان جاري ترقياتي اسڪيمن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي، ان موقعي تي علائقي واسين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ڳوٺ جي گهٽين جي حالت خراب آهي ڪيترن ئي سالن کان نظرانداز ٿيڻ سبب علائقي جا ماڻهو سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن. اڳوڻي ايم اين اي سيد نويد قمر پنهنجي فندن سان گهٽين پکي ڪرائي عوام جو جائز مسئلو حل ڪيو آهي جنهن تي اسان علائقي واسي اڳوڻي ايم اين اي سيد نويد قمر جا ٿورائتا آهيون.

بقايا — سنڌيار — 32

جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، مرڪزي نائب صدر ايڊوڪيٽ ساجد حسين مهيسر، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري ماهه نور ملاح، ستار رند، عوامي تحريڪ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي صدر عرفان منان، عوامي تحريڪ جي سينيئر اڳواڻ سرتاج احمد چانڊيو، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر غلام مصطفي چانڊيو، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي ميڊيا سيڪريٽري سنڌو، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر عاطف ملاح، ايڊوڪيٽ نجيب الرحمان مهيسر، ڪامريڊ منان جي نياڻي مرڪ منان، غلام عباس ڪوکر، نوريز چانڊيو، محسن اياز، اياز جمال چانڊيو ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو. جلسي عام ۾ مطالبو ڪيو ويو ته سنڌ ۾ ٿيندڙ لاقانونيت جو چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس فائزعيسي نوٽيس وٺي، ماڙي جلبائي سانحي تي اعلي عدالتن جي خاموشي تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو عوامي تحريڪ جي سينيئر اڳواڻ، ليڪ منان چانڊيو جي ٻي ورسي جي جلسي عام کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته ڪامريڊ منان چانڊيو سنڌ جي قومي حقن جي جدوجهد ۾ هميشه سرگرم رهيو هن چيو ته سنڌ جا تاريخي ۽ ثقافتي ماڳ ۽ مڪان ملڪ جي حڪمران تباهه ڪري ڇڏيا آهن. حمل ڍنڍ کي اجاڙيو ويو آهي. منڇر ڍنڍ کي زهر بڻايو ويو آهي، رني ڪوٽ جي تاريخي قلعي جي ڪا سار سنڀال ناهي لڌي وئي. برساتن ۾ رني ڪوٽ، موهن جو دڙو سميت تاريخي ماڳن جي بچاءُ لاءِ ڪو به بندوبست ناهي ڪيو ويو سنڌ جو ثقافت ڪاٽو ڪرپشن جو گڙهه بڻيل آهي. پيپلز پارٽي سنڌ جي ادارن کي ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي. سنڌ جي زمينن تي ڌارين کي قابض ڪري مقامي سنڌين کي دربدر ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته بحريا ٽائون، ذوالفقار آباد، ڊي ايڇ اي سٽي سميت مختلف رهائشي اسڪيمن جي نالي ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين ملڪ رياض، زرداري مافيا ۽ بلڊر مافيا پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏي آهي. ڪيرٿر نيشنل پارڪ تي بحريا ٽائون جي قبضا مافيا غيرقانوني قبضا ڪري سنڌين کي بي دخل ڪيو پيو وڃي، عوامي تحريڪ سنڌ جي زمينن مٿان قبضي خلاف سنڌي عوام کي سجاڳ ڪندي ۽ سنڌ جو عوام پرامن جمهوري جدوجهد وسيلي پنهنجي ڌرتي جو بچاءُ ڪندو. هن چيو ته لکين غير ملڪي افغانين ۽ ٻين کي جلد پنهنجن ملڪن ڏانهن واپس موڪليو وڃي. عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار چيو ته سنڌ کي عالمي يتيم خانو بڻايو ويو آهي. سنڌ ۾ ڌارين جي لوڊ آئي سنڌ ۾ نئون اسرائيل جوڙيو پيو وڃي. گڏيل قومن جي رپورٽ موجب 31 لک کان وڌيڪ افغاني پاڪستان ۾ رهن ٿا. افغانين ۽ ٻين غير ملڪين جو وڏو تعداد سنڌ ۾ غيرقانوني طور ترسيل آهي. افغاني سنڌ ۾ دهشتگردي جي ڪاروائين ۾ ملوث آهن. منشيات سميت اسمگلنگ ۽ سمورن ڏوهن ۾ افغانين جي ملوث آهن. انهن سمورن افغاني پناهگيرن کي سندن وطن واپس موڪليو وڃي. پيپلز پارٽي اقتدار خاطر ڌارين کي سنڌ مٿان مسلط ڪيو آهي. عوامي تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر ايڊوڪيٽ ساجد حسين مهيسر چيو ته ڊجيٽل آدمشماري جا نتيجا قبول ڪري مراد علي شاهه سنڌي قوم سان تاريخي غداري ڪئي آهي. هڪ منصوبابندي سان وقت کان اڳ غير قانوني غير آئيني فرمائشي ۽ فراڊي ڊجيٽل آدمشماري سنڌي قوم جي اڪثريت کي اقليت ۾ ڏيکارڻ لاءِ ڪرائي وئي ته جيئن بوگس آدمشماري جا من پسند انگ اکر ڏيکاري سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪري سگهجي. هن فراڊي ۽ فرمائشي آدمشماري ۾ پيپلز پارٽي سهولتڪاري وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. ڊجيٽل آدمشماري جي ڪوڙن انگن اکرن وسيلي سنڌين کان حق حڪمراني کسي سنڌ جي وجود تي وار ڪيو ويو آهي. هن فراڊي آدمشماري تحت ٿيندڙ تڪبندين ۾ سنڌ جون سيٽون گهٽايون ويون آهن. عوامي تحريڪ ضلعي قمبر شهداد ڪوٽ جي صدر ڪامريڊ عرفان منان چيو ته زرعي انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي سمورن ضلعن جي 13 لک ايڪڙن کان وڌيڪ زمين غير ملڪين حوالي ڪئي پئي وڃي. ڪاڇي جي 63 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ زمين زرعي انقلاب جي نالي ۾ غير ملڪي سرمائيدارن حوالي ڪئي پئي وڃي. سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضن خلاف ڀرپور جدوجهد جي ضرورت آهي.

بقايا — سنڌيار — 33

9 سال اڳ ۾ ڄوڻائي سال جي ڦر تان جهيڙو شروع ٿيو هو 9 سالن جي هلندڙ جهيڙي دوران بجاراڻي برادري جا 23 ماڻهو گوليون جو کاڄ بڻجي چڪا آهن جڏهن ته تيغاڻي برادري جا 21 ماڻهو گوليون لڳڻ سبب مارجي چڪا آهن بجاراڻي. تيغاڻي برادري جي ٻنهي ڌرين جا مجموعي طور تي گوليون لڳڻ سبب 75 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي پڻ ٿيل آهن واضح رهي ته بجاراڻي ۽ تيغاڻي برادري جي خوني تڪرار جو ٽيبرو هڪ پيروڻي سال اڳ ۾ ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي جي سرپنچي ۾ بجاراڻي هائوس ڪرمپور ۾ ٿيو هو جنهن فيصلي کي بجاراڻي تيغاڻي برادري جي ٻنهي ڌرين قبولي ورتو هو جڏهن ته ٽيبري جي ڪجهه ڏينهن بعد تيغاڻي برادري جي ڌر ٻيلو تيغاڻي فيصلي تان ڦري وري ٻيهر جهيڙو شروع ڪري ڇڏيو هو هن پيري ٻنهي سردارن جي راضپي بعد بجاراڻي تيغاڻي برادري جي ٻنهي ڌرين صبحاڻي ته آڪٽوبر تي ساڳئي ئي سردار ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي وٽ فيصلو ڪرڻ لاءِ آمده ٿيا آهن ٽيبري جي تاريخ جي اعلان جي علائقي جي سياسي ۽ سماجي حلقن ڀرپور آجيان پڻ ڪئي آهي.

بقايا — سنڌيار — 34

نواز جتوئي جوچوڻ هو ته شهر ۾ گئس جي لوڊشيڊنگ انتهائي پريشان ڪري ڇڏي آهي صبح ٻار بغير ناشتي اسڪول ٿا وڃن ۽ ٻنهين نوڙي رات جو به رڌ پچاءُ جي ٽائيم تي گئس جي هڙتال لوڊشيڊنگ ڪئي ويندي آهي مجبورن مهنگي ڪائين تي گذارو ڪري ٿا پئي يا هوٽلن تا ماني وٺڻ تي مجبور آهيون هنن سئي سدرن گئس جي اعلي عملدارن کان مطالبو ڪندي چيو ته تلهار ۾ جلد هڙتال گئس لوڊشيڊنگ خلاف نوٽس وٺي گئس مڪمل بحال ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ مين حيدرآباد بدين روڊ تي دهرڻو هڻي احتجاج جو دائرو وڌائينداسين

بقايا — سنڌيار — 35

جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، مرڪزي نائب صدر ايڊوڪيٽ ساجد حسين مهيسر، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري ماهه نور ملاح، ستار رند، عوامي تحريڪ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي صدر عرفان منان، عوامي تحريڪ جي سينيئر اڳواڻ سرتاج احمد چانڊيو، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر غلام مصطفي چانڊيو، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي ميڊيا سيڪريٽري سنڌو، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر عاطف ملاح، ايڊوڪيٽ نجيب الرحمان مهيسر، ڪامريڊ منان جي نياڻي مرڪ منان، غلام عباس ڪوکر، نوريز چانڊيو، محسن اياز، اياز جمال چانڊيو ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو. جلسي عام ۾ مطالبو ڪيو ويو ته سنڌ ۾ ٿيندڙ لاقانونيت جو چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس فائزعيسي نوٽيس وٺي، ماڙي جلبائي سانحي تي اعلي عدالتن جي خاموشي تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو عوامي تحريڪ جي سينيئر اڳواڻ، ليڪ منان چانڊيو جي ٻي ورسي جي جلسي عام کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته ڪامريڊ منان چانڊيو سنڌ جي قومي حقن جي جدوجهد ۾ هميشه سرگرم رهيو هن چيو ته سنڌ جا تاريخي ۽ ثقافتي ماڳ ۽ مڪان ملڪ جي حڪمران تباهه ڪري ڇڏيا آهن. حمل ڍنڍ کي اجاڙيو ويو آهي. منڇر ڍنڍ کي زهر بڻايو ويو آهي، رني ڪوٽ جي تاريخي قلعي جي ڪا سار سنڀال ناهي لڌي وئي. برساتن ۾ رني ڪوٽ، موهن جو دڙو سميت تاريخي ماڳن جي بچاءُ لاءِ ڪو به بندوبست ناهي ڪيو ويو سنڌ جو ثقافت ڪاٽو ڪرپشن جو گڙهه بڻيل آهي. پيپلز پارٽي سنڌ جي ادارن کي ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي. سنڌ جي زمينن تي ڌارين کي قابض ڪري مقامي سنڌين کي دربدر ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته بحريا ٽائون، ذوالفقار آباد، ڊي ايڇ اي سٽي سميت مختلف رهائشي اسڪيمن جي نالي ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين ملڪ رياض، زرداري مافيا ۽ بلڊر مافيا پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏي آهي. ڪيرٿر نيشنل پارڪ تي بحريا ٽائون جي قبضا مافيا غيرقانوني قبضا ڪري سنڌين کي بي دخل ڪيو پيو وڃي، عوامي تحريڪ سنڌ جي زمينن مٿان قبضي خلاف سنڌي عوام کي سجاڳ ڪندي ۽ سنڌ جو عوام پرامن جمهوري جدوجهد وسيلي پنهنجي ڌرتي جو بچاءُ ڪندو. هن چيو ته لکين غير ملڪي افغانين ۽ ٻين کي جلد پنهنجن ملڪن ڏانهن واپس موڪليو وڃي. عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار چيو ته سنڌ کي عالمي يتيم خانو بڻايو ويو آهي. سنڌ ۾ ڌارين جي لوڊ آئي سنڌ ۾ نئون اسرائيل جوڙيو پيو وڃي. گڏيل قومن جي رپورٽ موجب 31 لک کان وڌيڪ افغاني پاڪستان ۾ رهن ٿا. افغانين ۽ ٻين غير ملڪين جو وڏو تعداد سنڌ ۾ غيرقانوني طور ترسيل آهي. افغاني سنڌ ۾ دهشتگردي جي ڪاروائين ۾ ملوث آهن. منشيات سميت اسمگلنگ ۽ سمورن ڏوهن ۾ افغانين جي ملوث آهن. انهن سمورن افغاني پناهگيرن کي سندن وطن واپس موڪليو وڃي. پيپلز پارٽي اقتدار خاطر ڌارين کي سنڌ مٿان مسلط ڪيو آهي. عوامي تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر ايڊوڪيٽ ساجد حسين مهيسر چيو ته ڊجيٽل آدمشماري جا نتيجا قبول ڪري مراد علي شاهه سنڌي قوم سان تاريخي غداري ڪئي آهي. هڪ منصوبابندي سان وقت کان اڳ غير قانوني غير آئيني فرمائشي ۽ فراڊي ڊجيٽل آدمشماري سنڌي قوم جي اڪثريت کي اقليت ۾ ڏيکارڻ لاءِ ڪرائي وئي ته جيئن بوگس آدمشماري جا من پسند انگ اکر ڏيکاري سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪري سگهجي. هن فراڊي ۽ فرمائشي آدمشماري ۾ پيپلز پارٽي سهولتڪاري وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. ڊجيٽل آدمشماري جي ڪوڙن انگن اکرن وسيلي سنڌين کان حق حڪمراني کسي سنڌ جي وجود تي وار ڪيو ويو آهي. هن فراڊي آدمشماري تحت ٿيندڙ تڪبندين ۾ سنڌ جون سيٽون گهٽايون ويون آهن. عوامي تحريڪ ضلعي قمبر شهداد ڪوٽ جي صدر ڪامريڊ عرفان منان چيو ته زرعي انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي سمورن ضلعن جي 13 لک ايڪڙن کان وڌيڪ زمين غير ملڪين حوالي ڪئي پئي وڃي. ڪاڇي جي 63 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ زمين زرعي انقلاب جي نالي ۾ غير ملڪي سرمائيدارن حوالي ڪئي پئي وڃي. سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضن خلاف ڀرپور جدوجهد جي ضرورت آهي.

بقايا — سنڌيار — 36

اندر جوابدار گرفتار ڪرڻ جي خاطري بعد احتجاج ختم ڪرايو خبرموجب ڪراچي عبدالله شاهه غازي گوٺ اي بلاڪ ۾ هڪ مهينو اڳ پنهنجي گهر پرسان ويٺل شبير بليدي کي نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو هو جڏهن ته هڪ مهينو گذرڻ باوجود سچل ٿاڻي جي جاچ پوليس جوابدارن جو پتو لڳائي انهن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي پوليس جي اهڙي سست جاچ ۽ جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ مقتول جي وارثن ۽ مختلف سياسي سماجي ماڻهن پاران عبدالله شاهه غازي گوٺ اي بلاڪ ۾ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري هڙتال ۽ بُکر هڙتال ڪئي احتجاجي مظاهرو ڪري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي مقتول جي ڀاءُ ملڪ حسين بليدي سنڌ عوامي سٿ جو اڳواڻ رياض ڪيميتو سنڌ سڀا جي حسين ڏاهري ايس ٽي پي جي مدثر سرڪي ايس اين پي اڳواڻ رمضان بليدي ۽ بليدي اتحاد جي اڳواڻ محمد حسن بليدي ۽ ٻين چيو ته هڪ سازش تحت ڪراچي ۾ سنڌين کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو سنڌي ماڻهن جي قتل ته پوليس اڪثر طور تي غيرذميواري جو مظاهرو ڪري هميشه سست رويو اختيار ڪندي رهي ٿي ۽ اڪثر طور تي قاتلن کي گرفتار نٿو ڪيو وڃي هنن چيو ته شبير بليدي کي هڪ مهينو اڳ عبدالله شاهه غازي گوٺ ۾ پنهنجي گهر جي پرسان هٿياربندن فائرنگ ڪري بيدرديءَ سان قتل ڪيو هو مگر سچل ٿاڻي جي جاچ پوليس هن وقت تائين قاتلن جو پتو لڳائي انهن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي پوليس قتل ڪيس ۾ مڪمل طور تي خاموشي اختيار ڪري ورتي آهي هنن سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کان مطالبو ڪندي چيو ته مقتول شبير بليدي جي قتل جو نوٽيس ورتو وڃي ۽ قاتلن کي جلد گرفتار ڪري وارثن سان انصاف ڪيو وڃي هوڏانهن مقتول شبير بليدي جي قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ غازي گوٺ اي بلاڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي سچل ٿاڻي جي گيٽ اڳيان ڌرڻو هڻڻ واري اعلان بعد ڊي ايس پي سچل گوٺ ايس ايڇ او سچل نور احمد شيخ ۽ جاچ آفيسر احتجاج واري هنڌ پهچي ڪري مظاهرين سان ڳالهيون هڪ هفتي اندر شبير بليدي جا قاتل گرفتار ڪرڻ جي يقين ڏيارڻ بعد احتجاج ختم ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين چيو ته هڪ هفتي اندر جيڪڏهن پوليس قاتل جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ته پوءِ سخت احتجاج ڪري سچل ٿاڻي اڳيان يا ايس ايس پي ايسٽ جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 37

ورسي، سنڌس ڪتاب ''نڌڪا گهوڙا، غيباڻا سوار'' جي مهورت پروفيسر لياقت عزيز سولنگي يادگار ايوارڊ 2023ع'' تقريب پريس ڪلب ٽنڊي محمد خان ۾ ٿي گذري ۽ ''، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن کان اديبن، دانشورن، شاعرن، سگهڙن، آرٽسٽن، استادن، پروفيسرن، ليڪچرارن، ڊاڪٽرن، وڪيلن، صحافين، سماج سڌارڪن سميت هر مڪتبہ فڪر جي فردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. پروفيسر لياقت عزيز جي ڪتاب ''نڌڪا گهوڙا غيباڻا سوار'' جي رونمائي بعد تقريب کي ناميارو دانشور ۽ سماج سڌارڪ ذوالفقار هاليپوٽي خطاب ڪندي چيو ته پروفيسر لياقت عزيز سنڌ جو محسن ۽ اٽڪ ڪردار هو جنهنکي هر سال ياد ڪرڻ جي روايت تحسين لائق آهي. تاريخ ۾ تبديليون آڻيندڙ سياسي، سماجي، نظرياتي، فڪري، ادبي، علمي ترتيب پيدا ڪندڙ لياقت عزيز جهڙا فرد همعصرن ۽ هر عمرن لاءِ اتساهه جو سبب ۽ ايندڙ نسلن لاءِ تاريخي حوالن جهڙي حيثيت رکن ٿا. جديد دنيا دستاويزي ڪم کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي يقينن لياقت عزيز جو قلمي پورهيو ۽ اٽڪ ڪردار ان تناظر ۾ اهم جاءِ والارينو. پ ت الف جي اڳوڻي مرڪزي صدر قادر بخش طالباڻي چيو ته لياقت عزيز ظاهري شڪل، قد بت ۾ جيئن ڏسڻ ۾ ايندو هو، اهڙين نه هو مون چاليهه سال زندگيءَ جا ساٿس گڏ گذاريا، اسان هڪٻئي کي گهرو سڃاڻندا هئاسين. لياقت عزيز هاري جو پٽ هو پر هو ادارا جوڙيندڙ شخص هو بهترين منتظم ۽ مسلسل جاکوڙ جاري رکندڙ باهمت ڪردار هو هن سدائين عشق جو سفر ڪيو انڪري ڪڏهن به نه ٿڪيو هو بي ڊپو ۽ بهادر هو انڪري هن تڪليفون به گهٽيون ٿي سليون. ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻي خطاب ڪندي چيو ته لياقت عزيز سان پنجونجاهه سال وابستگي رهي، جيڪا سنڌس وڇوڙي تائين برقرار رهي، لياقت عزيز جي هٽ ۾ به نوڪرين جا آرڊر هئا، هڪ اسسٽنٽ ڪمشنر جو ۽ ٻيو ليڪچرار جو. هن اسسٽنٽ ڪمشنر بجاءِ ليڪچرار يعني استاد ٿيڻ کي ترجيح ڏني. لياقت عزيز اقتدار، پئسي ۽ ٻنگلن جي لالچ بجاءِ علم دوستي ۽ وطني دوستي جو رستو چونڊيو. جنهن تي آخر تائين بيٺو رهيو هن جنرل ضياءَ کان وٺي پرويز مشرف تائين سيني آمرن کي للڪاريو سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل يوسف سنڌي، پروفيسر يعقوب چانڊيو، زيب سنڌي، حسين سارنگ، خاڪي جاني، پروفيسر انور منصور مگريو، بينظير جوڻيجو، ذوالفقار قادري، ڊاڪٽر قادر بخش مگسي، مشڪور ڦلڪارو، اعظم پٽي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، اعجاز علي جسڪاڻي، ناصر بلوچ، مور ساگر، لالا فاروق پٺاڻ، آغاجان آغا، رفيق آس لغاري ۽ ٻين پڻ تقريب کي خطاب ڪيو. تقريب ۾ بهترين شاعر: عاشق علي ڳاهو، بهترين استاد: عارف قريشي ۽ بهترين سماجي ورڪر: عبدالحفيظ سليو کي پرفيسر لياقت عزيز سولنگي يادگارد ايوارڊ 2023ع سان نوازيو ويو جڏهن ته ان موقعي تي نندڙين ٿائيه عزيز پليجو ۽ سگڻ عزيز پليجو، شاهه لطيف جا بيت تحت اللفظ ۾ پڙهي داد حاصل ڪيو ۽ راڳي جان محمد لغاري خوبصورت ڪلام جهونگاري محفل کي رونق بخشي.

بقايا — سنڌيار — 38

آپريشن جاري آهي آپريشن ۾ ڪشمور ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس آپريشن ۾ حصو وٺي رهي آهي ڪنڊڪوٽ ڪنهن به ڏوهاري ڪنهن به صورت ۾ معاف نه ڪيو ويندو ان کي پنهنجي ڪيفي ڪردار تائين ضرور پهچايو ويندو ڪچي واري علائقي ۾ ڏوهارين جا قائم ٿيل سيني ٽاڪن کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو آهي ڌاڙيلن جا ٽاڪ ڊاهي پوليس پڪٽون قائم ڪيون ويون آهن ڪچي وارو علائقي مان ڏوهارين جو خاتمو ڪري ڪنڊڪوٽ ڪشمور جي عوام لاءِ تفريح گاهه بڻايو ويندو عوام جو پوليس مٿان اعتماد آهي هاڻي شهري به غير محفوظ نه سمجهن رات جو 12 وڳي ٻي خوف سفر ڪري سگهن ٿا ڪچي ۾ داخل ٿيندڙ ۽ خارجي راستن تي پوليس پڪٽون قائم ڪيون ويون آهي امن امان جي صورتحال ڪافي بهتر آهي ۽ وڌيڪ بهتر بڻايو ويندو ڪنڊڪوٽ ڪشمور ڪنڊڪوٽ جي عوام کي پوليس جو مڪمل ساٿ ڏيڻ گهرجي جيئن امن امان برقرار رکي سگهجي ۽ ڏوهارين کي پنهنجي ڪيفي ڪردار تائين پهچائي سگهون ايس ايس پي ڪشمور ڪنڊڪوٽ روحل احمد کوسو ٻئي پاسي ڪنڊڪوٽ شهر واسين ايس ايس پي روحل احمد کوسو ۽ سنڌس ٽيم جي ڪيل محنت کي پڻ ساراهندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان ڪنڊڪوٽ شهر واسين ايس ايس پ روحل احمد کوسو جي مقرري بعد سک جو ساهه کيون آهي هاڻي اسان بنا ڪنهن خوف رات هجي يا ڏينهن سفر ڪري رهيا آهيون ڪنڊڪوٽ شهرين جون ميڊيا سان ڳالهيون

بقايا — سنڌيار — 39

ڪئي وئي جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ نعت خواني، تقرير ۽ ڪوئيز مقابلو ٿيو ان موقعي تي پهريون ٻيو ۽ ٽيون نمبر حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي هيڊ ماستر استاد عرفان سهتو، ايف اي استاد حيدر علي عمراڻي انعام تقسيم ڪيا عيد الميلاد النبي جي تقريب کي خطاب ڪندي اسڪول جي هيڊ ماستر استاد عرفان سهتو، فرسٽ اسسٽنٽ استاد حيدر علي عمراڻي خطاب ڪندي چيو ته پاڻ سڳورا ڪائنات تي رحمت العالمين بڻجي آيا سنڌ شفقت ۽ پاڃ ۾ پنهنجائپ جو احساس سمايل هيو جنهن ڪري انسان ته ڇا پر پکي پکڻ به احترام ۽ عزت ڪندا هئا. پر ڪين انسان ذات جي خاص هدايت لاءِ موڪليو ويو جنهن ڪري پاڻ ڪريمن جي احڪامات تي عمل ڪرڻ سان انسان گمراهي کان نجات حاصل ڪري ٿو جنهن ڪري اسان سڀني کي سندن ڏسيل واٽ تي هلڻ گهرجي ان ۾ هن دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجي ڀالشهار اڳيا سرخرو ٿينداسين تقريب ۾ استاد عبدالحميد جاموٽ، استاد علي احمد سهتو، استاد مير حسن پنهور ، استاد غلام تڪي سوهڙو، استاد شوڪت وسان، استاد شهزاد گل پنهور سميت شاگردن والدين ۽ استادن شرڪت ڪئي آخر ۾ ميلاد شريف جو لنگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا — سنڌيار — 40

ورسي، سنڌس ڪتاب ''نڌڪا گهوڙا، غيباڻا سوار'' جي مهورت پروفيسر لياقت عزيز سولنگي يادگار ايوارڊ 2023ع'' تقريب پريس ڪلب ٽنڊي محمد خان ۾ ٿي گذري ۽ ''، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن کان اديبن، دانشورن، شاعرن، سگهڙن، آرٽسٽن، استادن، پروفيسرن، ليڪچرارن، ڊاڪٽرن، وڪيلن، صحافين، سماج سڌارڪن سميت هر مڪتبہ فڪر جي فردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. پروفيسر لياقت عزيز جي ڪتاب ''نڌڪا گهوڙا غيباڻا سوار'' جي رونمائي بعد تقريب کي ناميارو دانشور ۽ سماج سڌارڪ ذوالفقار هاليپوٽي خطاب ڪندي چيو ته پروفيسر لياقت عزيز سنڌ جو محسن ۽ اٽڪ ڪردار هو جنهنکي هر سال ياد ڪرڻ جي روايت تحسين لائق آهي. تاريخ ۾ تبديليون آڻيندڙ سياسي، سماجي، نظرياتي، فڪري، ادبي، علمي ترتيب پيدا ڪندڙ لياقت عزيز جهڙا فرد همعصرن ۽ هر عمرن لاءِ اتساهه جو سبب ۽ ايندڙ نسلن لاءِ تاريخي حوالن جهڙي حيثيت رکن ٿا. جديد دنيا دستاويزي ڪم کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي يقينن لياقت عزيز جو قلمي پورهيو ۽ اٽڪ ڪردار ان تناظر ۾ اهم جاءِ والارينو. پ ت الف جي اڳوڻي مرڪزي صدر قادر بخش طالباڻي چيو ته لياقت عزيز ظاهري شڪل، قد بت ۾ جيئن ڏسڻ ۾ ايندو هو، اهڙين نه هو مون چاليهه سال زندگيءَ جا ساٿس گڏ گذاريا، اسان هڪٻئي کي گهرو سڃاڻندا هئاسين. لياقت عزيز هاري جو پٽ هو پر هو ادارا جوڙيندڙ شخص هو بهترين منتظم ۽ مسلسل جاکوڙ جاري رکندڙ باهمت ڪردار هو هن سدائين عشق جو سفر ڪيو انڪري ڪڏهن به نه ٿڪيو هو بي ڊپو ۽ بهادر هو انڪري هن تڪليفون به گهٽيون ٿي سليون. ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻي خطاب ڪندي چيو ته لياقت عزيز سان پنجونجاهه سال وابستگي رهي، جيڪا سنڌس وڇوڙي تائين برقرار رهي، لياقت عزيز جي هٽ ۾ به نوڪرين جا آرڊر هئا، هڪ اسسٽنٽ ڪمشنر جو ۽ ٻيو ليڪچرار جو. هن اسسٽنٽ ڪمشنر بجاءِ ليڪچرار يعني استاد ٿيڻ کي ترجيح ڏني. لياقت عزيز اقتدار، پئسي ۽ ٻنگلن جي لالچ بجاءِ علم دوستي ۽ وطني دوستي جو رستو چونڊيو. جنهن تي آخر تائين بيٺو رهيو هن جنرل ضياءَ کان وٺي پرويز مشرف تائين سيني آمرن کي للڪاريو سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل يوسف سنڌي، پروفيسر يعقوب چانڊيو، زيب سنڌي، حسين سارنگ، خاڪي جاني، پروفيسر انور منصور مگريو، بينظير جوڻيجو، ذوالفقار قادري، ڊاڪٽر قادر بخش مگسي، مشڪور ڦلڪارو، اعظم پٽي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، اعجاز علي جسڪاڻي، ناصر بلوچ، مور ساگر، لالا فاروق پٺاڻ، آغاجان آغا، رفيق آس لغاري ۽ ٻين پڻ تقريب کي خطاب ڪيو. تقريب ۾ بهترين شاعر: عاشق علي ڳاهو، بهترين استاد: عارف قريشي ۽ بهترين سماجي ورڪر: عبدالحفيظ سليو کي پرفيسر لياقت عزيز سولنگي يادگارد ايوارڊ 2023ع سان نوازيو ويو جڏهن ته ان موقعي تي نندڙين ٿائيه عزيز پليجو ۽ سگڻ عزيز پليجو، شاهه لطيف جا بيت تحت اللفظ ۾ پڙهي داد حاصل ڪيو ۽ راڳي جان محمد لغاري خوبصورت ڪلام جهونگاري محفل کي رونق بخشي.

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي، روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com